ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا

184

ماسٽر چندر

Anil Asnani

MOD-TECH COMPUTERS

SALES & SERVICE

• A.M.C.s • NETWORKING • PERIPHERALS •

Mob. : 98253 54222

Electrotech Security Providers

Shri Ram Building, First Floor, Plot # 585,
Ward 12-C, A-Wing-Police Station Road,
Gandhidham (Kutch) 370201.
E-mail: modtech.gdm@gmail.com

Best Compliments From

SCAN

SCAN COMPUTERS

SCAN GRAPHICS

DIGISCAN

:: Specialized in ::

- Books Publishing
- Printing Work
- Designing/ DTP Work
- Flex Banners
- Multi-color Offset works
- Get Book in 24 Hours

GET YOUR BOOK READY JUST IN 24 HRS.

BRING YOUR PDF OR CDR ONLY

MACHINES SPECIALLY FOR LOW PULLING JOBS
BETTER QUALITY THAN OFFSET, CHEAPER & FASTER.

- DIGITAL PRINTING
- PERFECT BINDING
- MULTI COLOR COVER PAGE
- LAMINATE & UV

CONTACT
Deepak Lalwani
9327007002
Dilip Lalwani
9374417002

3, RadheShyam Complex, Nr. Navdurga Society, Patia, Ahmedabad - 382345.
7, Laxmi Complex, Nr. Dr. Vidhani Clinic, Patia, Ahmedabad - 382345.
E-mail: deepaklalwani7002@gmail.com







اِشاعت جو ڇائيتاليهون سال

Sahit ain Kala ji RACHNA

ساهت ۽ ڪلا جي

Editor: Mukesh Tilokani

رچنا- ١٨٤

اِيڊيٽر: مڪيش تلوڪاڻي

سال: 46 Year-46

في انڪ: -/80 رپيا

انڪ: 184 Vol-184

Price Rs.80/-

(Oct-Dec -2024)

Annual Subscription Rs.250/-

آڪٽوبر - ڊسمبر 2024

Life Subscirption Rs. 2000/-

ڀارت کان ٻاهر:

100 يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P.O. Box- 10 Adipur (Kutch) 370205

Mobile: 9081669122 Email:sindology@yahoo.com website:www.sindhology.org

خاص انڪ: ماسٽر چندر

سلسلو: صفعو

سلسلو	صفعو
آسانجي طرفان	(3)
ليک / ماستر چندر/صاحب بجاڻي	(5)
منهنجي سنگيت ساڌنا / ماستر چندر	(13)
چندر جا چونڊ گيت ۽ ڪلام/ هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ	(16)
دلبر جي در تي	(16)
دل ڪي گهٽو وٽين ٿو	(17)
هر هر منٿون ڪير ڪري	(18)
ڏار رهڻ جڻ آهي مرڻ	(19)
عاشق جو جنازو	(19)
بنا عشق ڪجھ پيي نہ قبوليان	(20)
نهاريندين مري ويندين	(21)
شعر	(21)
مومل راڻو / مومل جو ڏينهن	(22)
مومل جو هفتو	(23)
مومل جو سال	(23)
داغ پراڻا	(24)
ديش ڀڳتي / اُٿ نوجوان	(25)
وطن جو درد	(26)
ويراڳ ورتي / سنگت ڦٽائي ويا	(27)
گهر ڇڏي ويا	(27)
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين	(28)
قسمت ڪئي جدائي	(29)
ناٽڪ/ گوبند مالهي/ ٻٽيا سيڻ، نريا نيڻ	(31)
تبصرو/ڪيمن يوُ. موُلاڻي/ امر گايڪ ماستر چندر جي شاعري	(42)
سمرتيون/ پوپٽي هيراننداڻي،مهيش چندر،گوبند مالهي ۽ ماهتاب محبوب	(59)
شراڌانجلي	(62)

चंदुर जा रिकोर्ड /तुंहिंजे शहर में आयसि/परसराम 'ज़िया'(१), ख़रीदार खे ग़ोल्हयां/परसराम 'ज़िया'(२), पंहिंजे अखियुनि खे झलि तूं /परसराम 'ज़िया'(३), दिलि असां बि॒न्ही जी हिक आ! /परसराम 'ज़िया'(४), हलिया वेंदासीं /परसराम 'ज़िया'(५), बरसाति जूं रातियूं हुजनि /परसराम 'ज़िया'(६), रूह रिहाण /मास्टर चंदुर (७), तो में आहे मुहिंजो /मास्टर चंदुर(८), मरण खां मां छुटलु आहियां /मास्टर चंदुर(६), रुठा ई रहनि,हुजेनि शल हयाती /मास्टर चंदुर(६), शइर /मास्टर चंदुर(१०).

آسانجي طرفان:

ماسٽر چندر آسنداس ڏامواڻي

سنڌ هند جي پياري موسيقي فنڪار، سنگيتڪار، شاعر، ڪلاڪار، ماسٽر چندر جو جنم گيارس جي ڏينهن 7 ڊسمبر 1907 ۾ نارو شاهه سنڌ ۾ ٿيو هو.

ٻارن سالن جي عمر کان 75 سالن تائين هو پڪي پختي رياض ۽ آواز سان لڳاتار ڳائي وجائي عوام جو لاڏلو ڪلاڪار بڻجي رهيو.

هن تي ماتا پيربائي، گرو گُلراج، ڊاڪٽر روچلداس، سنت ڪنوررام ۽ ٻين صوفي سنتن جي آسيس جو هٿ رهيو. هن ڪلاسڪي توڙي سُگم سنگيت سان، پنهنجي سڪ، سوز پريل مٺي آواز سان سيني ٻُڌندڙن جي دلين ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي هئي. اَڄ بہ سندس شائق ٻڌندڙ سندس گائڪيءَ تي فدا آهن.

ماسٽر چندر صوفي طبيعت جو مالڪ هو. حياتيءَ جا پڇاڙيءَ وارا سال هن اِيشوري عبادت ۾ گُذاريا.

هن پنهنجي جيئري ئي پنهنجي گادي، پنهنجي نندي پُٽ مهيش چندر کي سونپي ڏني. هُن پنهنجي پتا صاحب جي نقش قدمن تي هلي. سنڌي، اُردو، هندي سنگيت کي مالا مال ڪيو آهي.

ماسٽر چندر سنڌ-هند جي هر ڳوٺ، شهر ۾ ڳائي وجائي سنڌي سنگيت کي لوڪ پريہ بڻايو.

آخر ماسٽر چندر 3 نومبر 1984 تي ممبئي ۾ پنهنجو چولو ڇڏيو. سندس موت جي خبر سنڌ هند جي سنڌي جڳت کي وڏو صدمو پهچايو.

سندس شان ۾ ديش توڙي وديش جي ڪيترين اَخبارن، سنستائن، آڪاشواڻي ريڊيو ۽ دور درشن وارن ڪيس شرڌانجلي ڏني.

رڪارڊ ڪيل سندس مڌر آواز اَڄا تائين ٻہ سنڌي گهرن ۾ گونججي ٿو. سندس اَڻ ڳڻ يادگيريون اَڄا تائين سنڌين جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل آهن.

اَڄ سندس شان ۾ 40 ورسيءَ جي موقعي تي سنڌالاجيءَ پاران رچنا مخزن جو خاص اَنڪ اوهانجي اڳيان شايع ڪندي. اَسانکي خوشي ٿي رهي آهي. هن اَنڪ ۾ سندس لکيل مشهور چونڊ گيت، ڪلام، ۽ ٻين بهترين سنڌي شاعرن جا لکيل گيت جن کي ماسترچندر ڳائي اوُڄ تي پهچايو آهي، اُهي ٻہ شايع ڪيا ويا آهن. مهرباني اُنهن ساهتيڪارن جي جن هن اَنڪ لاءِ ليک لکي پرچي جي سونهن وڌائي آهي. اُميد تہ توهان سڀني کي ٻہ هيءُ خاص اَنڪ پسند اِيندو. مهرباني ڪري پهچ ۽ رايو ڏيندا.

توهان سڀني کي ڏياريءَ ۽ نئين سال جون لک لک واڌايون ۽ شُڀ ڪامنائون ٿا ڏيون.

مهرباني ڪري رچنا لاءِ نئين سال جو چندو ميمبر شپ، اِشتهار، موڪلي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ کي وڌائيندا ويجهائيندا ۽ ڦهلائيندا رهندا.

- مکيش تلوڪاڻي

Editor:
RACHNA Magazine,
INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
P.o. Box- No. 10 (Ward- 4A)
ADIPUR (KUTCH) 370205.
Email: Sindlogy@yahoo.com PH 9081669122

Published and Printed by Shri Sahib Bijani, Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology, Ward 4A, near. Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch)-370205, Printed at Scan Computers Commercial Art Printers, 3, Radhyshyam Apartment, Naroda Road, Ahmedabad-382340

Editor: Mukesh Tilokani.

ليک / ماسٽر چندر/ صاحب بجاڻي

ماسٽر چندر سنڌين جو اُهو مايہ ناز ۽ هر دلعزيز ڪلاڪار هو. جنهن شاستريہ سنگيت کي لوڪ سنگيت ۽ لوڪ سنگيت کي شاستريہ سنگيت جي ويجهو آندو. سندس سوز ڀريو سُر ۽ آواز، گائڪيءَ جو اَنداز ۽ اَدائگي، اڄ بہ سنڌين جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل آهن.

چندر جو جنم ڏسمبر 1907 ۾ سنڌ ۾ ساهتي پرڳڻي جي نارو شاهہ ڳوٺ ۾ ماتا رامل ٻائي ۽ پتا آسنداس ڏامواڻيءَ جي گهر ٿيو. 1926 ڌاري هڪٻئي پٺيان پتا ۽ چاچي جي اوچتي ديهانت سبب، مالي مشڪلاتن ڪري ستين انگريزيءَ کان مٿي تعليم جاري نہ رکي سگهيو.

سڪولي جيون ۾ ئي چندر کي شاعري، چترڪلا ۽ سنگيت طرف لاڙو هو. ننڍا ننڍا گيت جوڙي مٺر آواز ۾ ڳائي پيو ٻڌائيندو هو. ڳلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو هوس. سندس اوائلي اُستاد هو سڪول جو هيڊ ماسٽر لوڪومل لڪاڻي. هن وٽان هو ڪيقدر سرسورٺ، راڻو، ڪوهياري، آسا ۽ ڀيروي ڳائڻ سکيو. هالاڻي دربار ۾ سندس سورداس چاچو ساجنداس ڏنل هو. ٻائي سروپداس جي چوڻ تي هن ڪيس سرگم، راڳن جي شڪل، وادي سموادي سُرن کان سواءِ آروهي آوروهيءَ جي ڄاڻ ڏني. ڪاڪو جيوترام مٿائي چندر ۾ شخصي چاهہ وٺي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ وهاري ڪانئس رياض ڪرائيندو هو. جيوترام معرفت چندر صوفي درويش سائين روچلداس سان سمپرڪ ۾ آيو.

سائين جن چوندا هئس: چندر ڳاءِ دل کولي ڳاءِ. حقيقي ڳائين يا مجازي. پر، دل سان ڳاءِ.

سائين روچلداس جي اوطاق تي چندر ڀڳت کنوررام سان بہ گڏيو. سندس راڳ کان متاثر ٿي ڀڳت صاحب کيس ڪافي جهونا ڪلام ۽ ڏوهيڙا لکائي ياد ڪرائيندا هئا. چوندا هئس: چندر ڀڳوان، هڪ ڏينهن تون ضرور چمڪندين. وسڻ گهوٽ جي روهڙيءَ واري دربار آسائوتڙ جي گاديسر سائين اَمروررام کيس گوئيي امير خان وٽ 'راڳ درگا' سکڻ لاءِ موڪليو. هن اُستاد وٽان چندر ڪافي سنگيت وديا پرائي. اُن بعد عاشق علي خان ۽ ڪندن گرڪان بہ گهڻو ڪجهہ سکيو. گهڻن ورهين کان پوءِ چندر بمبئيءَ ۾ 1934 ڌاري وشڻو ڊگمبر وديالیہ ۾ بہ سنگيت وديا پرائي. اهڙيءَ ريت گهڻن ئي اُستادن کان سنگيت وديا وٺي هوُ هڪ پڪي پختي گايڪ طور ميدان ۾ آيو.

سنگيت سکيا جي شونق ۾ ديس پرديس ڀٽڪندي، اوچتو ويراڳ لڳڻ سبب وجي بدريناٿ جي پهاڙن تي پهتو. اُتي برهم گياني گرو گلراج ۽ ماتا پپرديويءَ جي چرنن ۾ بہ ورهيہ ويراڳ ورتيءَ ۾ گهاريائين. گهر موٽڻ کان نٺو اَکر واري وينو. آخر سندس ماتا رامل بائيءَ وجي سندس گروءَ وٽ ٻاڏايو، تہ مونکي اِهو هڪ ئي پٽڙو آهي، سو ڪرپا ڪري موٽائي ڏيو ۽ آگيا ڏيوس تہ هلي گهر گرهستي وسائي. گروءَ جي آگيا چشمن تي رکي چندر موٽي آيو. هن جو وهانءُ منياٽين پرسان سهڙا ڳوٺ مان گلاب داسي ڪٽنب جي سيٺ ميارام پنجواٽيءَ جي ڪکي هيتي بائيءَ سان ٿيو. کيس ڪل 5 پٽ ۽ 3 ڌيئر ڄايون.

چندر شڪل جو ناهوڪو، دل چڪيندڙ شخصيت جو ڌڻي هو. سنگيت کان سواءِ اداڪاريءَ ۾ پڻ پاڻ موکي چکو هو. 1934 ڌاري بمبئيءَ جي هڪ فلم ڪمپني آل اِنديا موُويٽون وارن

پنهنجين ٽن فلمن ’موت ڪا طوفان‘، ’پريم پريڪشا‘ ۽ ’ڏُلارا‘ لاءِ ڪيس چونڊيو. هن اداڪاري ڪندي فلمن ۾ ست گيت ڳايا. 5 اُردو ۾ ۽ هڪ هڪ پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾. سندس اداڪاري ۽ سُريلي آواز کان متاثر ٿي بمبئي ٽاڪيز وارن ڪيس پنهنجي فلم ’اڇوت ڪنيا‘ لاءِ چونڊيو؛ پر اِنڊيا مُوويٽون وارن سان ائگريمينٽ هئڻ ڪري اجازت نہ مليس. پوءِ ’اڇوت ڪنيا‘ لاءِ هيرو جو پارٽ اشوڪ ڪمار کي مليو. بس، چندر جي دل فلمي دنيا مان کٽي ٿي پئي. 1935 ۾ سنڌ واپس وريو. باقي حياتي سنڌي سنگيت کي ارپڻ ڪيائين.

1932-33 ڌاري گراموفون ڪمپنيون وجود ۾ اَچي چڪيون هيون. هنن مان مکيہ ٻن ڪمپنين ’هز ماسٽرس وائس‘ ۽ مُوويٽون جو سنڌ ۾ ڊيلر هو لالچند. حيدرآباد جي ڪليڪٽر، صوفي شاعر محمد بخش ڪوجهيءَ جي بنگلي تي هن جي چندر سان گڏجاڻي ٿي. ماسٽر چندر پنهنجو پهريون رڪارڊ ڪوجهيءَ جو دهليءَ وجي رڪارڊ ڪرايو. لفظ هئا: ’طبيبا ڏيان سان ڏسجو، اٿم ڪا دل جي بيماري.‘ راڳ آساوريءَ ۾ ڪلام ڳائي آخر ۾ ٻہ ٽي سرگم پڙهي ٻہ ٽي پلٽا هنيائين. اُهو رڪارڊ 1934-35 ڌاري مارڪيٽ ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ ڪافي شهرت پاتائين. بس، چندر وري پنتي نہ نهاريو. هڪبئي پٺيان سندس رڪارڊ نڪرندا رهيا. ڪوهرن جيان ترت وڪامندا رهيا. سندس رڪارڊ سنڌ جي ننڍڙن وڏڙن شهرن، ڳوٺن توڙي ننڍڙن واهڻن ۾ وڃي پڙهيلن توڙي اڻپڙهيلن، هندو مومنن، توڙي هارين نارين کي متاثر ڪندا رهيا. گهرن توڙي گهرن کان ٻاهر بازارين، ٻنين ٻارن ۾، هوٽلن ۽ آفيسن ۾ ٻڌندڙن جي ڪنن ۾ ٻُرندا رهيا، چپن تي چُرندا رهيا. 1933 کان 1965 تائين سنڌ توڙي هند ۾ چندر اٽڪل 1000 رڪارڊ ڀرايا. ڪيس سيني کان وڏيڪ رايلٽي 10 سيڪڙو ملندي هئي. هن

پنهنجن گيتن کان سواءِ دڪايل جا اٽڪل 60 ۽ ضيا جا سوين گيت ڳرايا. سڀ کان وڌيڪ شهرت ملي سندس جوڙيل گيت 'سهڻا عرض آهه، منهنجو مرض لاهه' کي. اِهو گيت هن بمپلاسي راڳڻيءَ ۾ جهپ تال ۾ ڳاتو آهي. سندس اڪيچار اڙوسرندڙ، بي جوڙ رڪارڊن مان ڪي آهن:

1. **تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان.....**
2. **سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون.....**
3. **هڪ ڳالهه تہ ٻڌ منهن هيڏي ڪري......**
4. **عاشق جو جنازو آ ذرا ڏيان سان ڪڍجو.....وغيره وغيره**

بس، پوءِ تہ چندر ڪون سڏاوي! ۽ پوءِ جئن اڪثر وڏن ڪلاڪارن سان ٿيندو آهي، تئن چندر نسبت بہ وقتي سنڌ ۾ عجيب وغريب أفواهہ ڦهلجندا هئا. هُل اُٿندا هئا. 'اڙي! چندر جو خون ٿي ويو! مسلمانن ڪنور جيان چندر کي بہ ماري ڇڏيو! ٻڌي چندر مرڪي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن اخباري خاطن کي لکت ۾ شعر لکايائين:

مان دنيا کي سجاڻان ٿو، مان دنيا جو ڏٺل آهيان
نہ دنيا ئي لڪل آهي، نہ دنيا کان لڪل آهيان
چون ٿا ويو چندر ڪُسجي، برابر مان ڪٺل آهيان
مئل آهيان محبت ۾، اڳيئي مان مئل آهيان
مئي کي ڪير ماريندو، جيئڻ کان مان ڇٽل آهيان
جيئڻ وارا پيا مرندا، مرڻ کان مان ڇٽل آهيان.

رڪارڊن چندر کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. ڪيس هرهنڌان سنگيت پروگرام لاءِ آڇون اچڻ لڳيون ۽ ائين چندر سنڌ جي اڪثر درٻارين ۽ درگاهن ۾، ميلن ۽ ورسين وقت پروگرام ڏيڻ شروع ڪيا.

پروارن ڳوٺن ۾ ٻھراڙين ۾ خبر واءَ جيان ڦھلجي ويندي: سھڻو ستمگر اَچي رھيو آھي، منڙو محبوب ٿو اَچي. سوين ڪُسبا، گھائبا. چندر ايندو. سھڻي چادر يا غاليچو وڇايل صندل تي اَچي وھندو. سھڻي اُچي پوشاڪ، اڪثر ڪاري سوٽ تي ڪارو يا ناسي ڪوٽ يا صدري. موقعي مطابق مجازي يا حقيقي ڳائيندو:

جنھن وقت ٿو نھارين، سھڻا اکيون ڪڻين ٿو،
دل کي گھڻو وڻين ٿو.

فضا ۾ سندس طلسمي مقناطيسي، ريشمي، پڪو پاري آواز پيو گونجندو. جادوُ ٿي ويندو، ٻڌندڙ مستانا ٿي ويندا. سڏٻڌ ڪوھي پيا چوندا: اڙي ماري وڌُءِ ڪُھي وڌُءِ. نوٽن جي ورڪا. چٽاپيٽي، ڪير ٿو وڌيڪ گھوري. ھرڪھيءَ جو ٻڌندڙ ائين پيو سمجھندو: ڀانءِ چندر سندس دل جي ڪيفيت جو پيو اظھار ڪري.

ھند ۾ پڻ چندر ساڳيو ئي لوڪ پريہ رھيو. سندس پوشاڪ ۾ ڪيقدر فرق آيو. وار وڏا ڳوئين وانگر. مٿي تي سنڌي ٽوپي. اَچي جُھٻي مٿان ڪاري صدري. وڏو پروگرام ھوندو تہ شروعات ۾ راڳ ڀوپالي ’ڳُربن ڪئسي گيان آوي‘. يا ’آسا‘ ۾ ’رام جپن ڪيون چوڙا ڙي‘. ڪلاڪ ڪن ڳلي جي ورزش. لئہ ۽ تال ۾ سريلي سرگم ۽ پلٽا. ساڳي لئہ ۽ تال ۾ ٻڌندڙن جي ڪنڌ جي لوڏ. ڏيري ڏيري چندر ڪلامن ڏي ورندو. شاھ سچل ساميءَ کان سواءِ سنڌ جا مڙيئي صوفي شاعر سندس حافظي مان سندس سوز پريي آواز ذريعي سر راڻي، سورٺ، ڪوھياري، آسا، سھڻي، لوڙائو، ماروُ، ڪاپائتي، ڪاموڏ، جوڳ، پرڀاتي ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس دلپسند راڳڻي ڀيرويءَ جي

روپ ۾ ڦوهاري جيان ازخود نڪري نروار ٿيندا هئا. سندس اکيون ڦاٽل، ناسون ڳائڻ وقت ڦنديل. پرسان صندل تي رکيل برتڻ ۾ ڦڪو کير: جنهن مان وچ وچ ۾ ننڍڙا کوزا پري پيئندو ويندو.

اَڪثر ڳالهه سُر ۾ ڪڇندو. پنهنجي مخصوص ناٽڪي انداز ۾ مذاقي ٽوٽڪا ٻڌائيندو، کلائيندو، رئاريندو ۽ پاڻ سان جڪڙي رکندو. رات جو جئن وقت وهامندو ويندو، چندر مچندو ويندو. موسيقيءَ پريي ماحول ۾ گايڪُ گيتُ ۽ ٻڌندڙُ ٽيئي ملي هڪ ٿي ويندا.

چندر شاعر بہ هو. علم عروض جي باقاعدي تربيت ورتل شاعرن جيان نہ. اِلاهي ذات عطا ٿيل هئس. گائڻ وديا ان ۾ اضافو آندس. اڪيچار گيت ٻڌندي ڳائيندي پنهنجن اُڌمن جذبن کي ڪلامن ۽ ڪافين، گيتن ۽ غزلن جي صورت ۾ آڻي ڳاتائين. اڪثر ڪوتائون لريڪل يعني ڳائڻ جوڳيون آهن. چندر جو اوائلي ڪلام رومانوي آهي. اڪثر وچوڙي ۾ بيڪس ۽ بيتاب دل جون اُڪير پريون دانهون ۽ آهون، محبوب جا ماڻا، ناز نخرا، نيڻن ۽ تبرن جي تيرن جي اُپٽار آهي. مطلب تہ مجازي عشق جي پرمار. وقتي حقيقي عشق بہ پوشيدو آهي:

چيم اڪڙين ايذايو آهہ، چيائين ڪا ناهي پرواهہ،
چيم دلبر مري ويندس، چيائين ڪا ناهي پرواهہ.

ماسٽر چندر جي هڪ ڌيءُ ستي 1943 ۾ سرڳواس ٿي. 1945 ۾ وري بہ پٽ منسک ۽ ڪنعيو، 15 ۽ 17 سالن جي ننڍي ڄمار ۾ هڪبئي پنيان 3 مهنن جي وٿيءَ ۾ گذاري ويس. دل تي اِهو زبردست ڌڪاءُ رسيس. ويراڳ وني ويس. اِن جو اولڙو بہ سندس ڪوتا ۾ چٽو ٿو پسجي:

جن ساڻ گڏ گذاريم سيئي تہ گھر ڇڏي ويا،
لاهوت ڪان هو آيا، لاهوت ڏي لڏي ويا.

انڪري: دل ڪنهنسان نہ پينر اٽڪايو،متان پيار رکي پوءِ پڇتايو
هر چيز فنا سنسار فنا، آهي سونهن فنا، سينگار فنا
وهنوار فنا، پروار فنا، متان چندر فنا سان دل لايو.

1947 ۾ ورهاڱي بعد هو سنڌ ۾ رهي پيو. پر آخر مجبورن ڪيس بہ جلاوطن ٿي ساٽيهہ جا وڻ ڇڏيا پيا. آڦي باقي جيءُ جُهري پيس. درد ۾ قلم ٻوڙي رئندي رئندي لکيائين:

چندر عمر شل وطن ۾ گذري، وطن ڪان شل دشمن بہ نہ وڇڙي،
جو دم نبري وطن ۾ نبري، جي دم نڪري تہ بہ وطن ۾ نڪري.

چندر جو بحروزن تي پورو ضابطو هو. عبارت نيٺ سڌي سهج ۽ سولي. روانيءَ پري، نہ پڙهڻ ۾ اکين کي ٽڪ، نہ دماغ تي زور ڏئي سوچڻ جي ضرورت. جڻ ٺڏو شيتل جل پيتئہ. وقتي تجنيس حرفيءَ جو سپاويڪ اِستعمال:

جوش جگر ۾ آيو جمع تي، سڏڪا پري سوڊل کي سڏيم
ڇنڇر تي ٽي ڇڪ بہ ڇهوٽي، ڇرڪن ڇاتي ڇني ڇڏيم.

پٽن تي ٽي پائوُ، منهنجي پائن سدا پاڻ
ولر ورائي اچن ۽ وهن منجهہ وٿاڻ

سنڌ ۾ چندر جي رڪاردن جون گهڻيئي چوپڙيون ڇپبيون هيون. سڪايل چندر، اُجايل چندر، ڦتيل چندر، ڪُنل چندر وغيرهہ وغيرهہ. هند ۾ سمورو ڪلام سهيڙي ’چندر سان رهاٽيون‘ جي عنوان سان ٻن ڀاڱن ۾ شايع ڪيائين.

آگسٽ 1955 ۾ چندر جنم ڀومي سنڌ ويو. سڀ کان اول ٺٽي جهانيان ۾ سائين قطب علي شاهه جي درگاهه تي 3 ڏينهن سانده چونڪي ڪري دُعا ورتائين. 14 آگسٽ تي لاڙڪاڻي ۾ جشن پاڪستان جي موقعي تي اڌ رات تائين ڪلام ۽ ڪافيون ڳائي هن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان 20000 کان مٿي آيل خلق جون رڳُون ٺاري ڇڏيون. حيدرآباد ۾ ميرن جي بنگلي تي سندس پروگرام ۾ صرف عورتون ئي عورتون. مرد صرف پاڻ چندر ۽ سندس ڏوڪڙي نهچلداس. چندر جي سنڌ ۾ دوري دوران ٻوڏ راڳا ڪيا هئا. چندر پروگرام معرفت هزارين روپيه ٻوڏ فند لاءِ ڪنا ڪري ڏنا. ور ور ڪري ڪيس ٻڌندڙن هٿ ڪٽي پئي چيو: يار چندر شال جيئندو رهين، رڳ رڳ ٺاري ڇڏيئه.

چندر پريا 60 ورهيه سنڌي سنگيت کي ڏنا، پوءِ صحت جي ناسازيءَ سبب اڳيات واس ورتائين. پنهنجي جيئري ئي پنهنجي سپتر مهيش کي پنهنجو جاءِ نشين چونديائين. 3 نومبر 1984 ۾ سندس ديهانت ٿيو.

چندر وڇڙي ويو، پر وسري نه سگهيو. سندس گائڪيءَ جو مخصوص انداز ۽ طرز اَڄ به قائم آهي. سندس سپتر گوپ ۽ مهيش ئي نه ماستر رتن، ماستر فتحچند، ماستر منايل، ماستر مکڻ، ماستر پرمانند ساگر، آرتي راڄ، کان سواءِ هند سنڌ جا اڪيچار گائڪ چندر جا لوڪ پريه گيت سندس گائڪي ۽ ادائگيءَ ۾، ساڳئي سُر ۽ آواز ۾ ڳائي پاڻ ۽ ته گائڪيءَ جو ’چندر گهراڻو‘ جوڙي وينا آهن، جنهن کي پنهنجو الڳ مزاج ۽ الڳ پرمپرا آهي. چندر زنده آهي ۽ زنده رهندو.

22, Maleer, Ward 4 A
Adipur-370205
Mob:- 9586422011

منهنجي سنگيت ساڌنا /ماسٽر چندر

ڪراچيءَ ۾ مان رام باغ ۾ ’چندر سنگيت وديالي‘ ٿو کوليان ۽ نوڪري بہ ٿو ڪريان. مان هر آرتوار تي صوفياٽي چونڪي ديوان وليداس جي بنگلي تي سولجر بزار ۾ ڪندو آهيان. هاڻي واقفيت بہ وڌندي ٿي وڃي ۽ سنگيت جو پرڪاش بہ....ايتري قدر جو رڪارڊن ڪمپني تائين منهنجو نالو وڃي پهتو آهي. ’هز ماسٽروائيس‘ گراموفون ڪمپني وارا مون سان ائگريمينٽ ٿا ڪن ۽ دل گهريا پئسا ڏيئي مونکي دهلي ٿا وٺي هلن.

هاڻي ڏسو مان پهرين پهرين رڪارڊ ٿو ڀريان. در دروازا بند ٿا ڪن. ڀتين تي بہ لنبا غلم ۽ چٽساليءَ وارا ڪپڙا ٽنگي ڇڏيا اٿن تہ پڙلاءُ نہ ٿئي. مونکي هڪ صندل تي وهارن ٿا ۽ منهنجي سامهون مئڪرافون رکن ٿا. سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ رڪارڊنگ مشين رکيل آهي. شيشي جي دريءَ مان رڪارڊنگ انجنير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪنهن وقت مون ڏانهن ٿو نهاري تہ ڪنهن وقت مشين جي گهڙيال جو واليوم ٿو جاچي.... گهنٽي وڄائي ريهرسل چالو ٿو ڪرائي..... سيني سازن ۽ گلي کي قبضي ۾ رکي ويٺو آهي هر هر اشارا فقط هٿ سان ٿو ڪري..... اشارن ۾ ڪنهن کي نرم، ڪنهن کي زور سان ساز وڄائڻ جي هدايت ڪري رهيو آهي.... منهنجي ڪابي پاسي ڪان پنڊت امرناٿ ڊبل

پيرن جو هارمونيم وڄائي رهيو آهي. هن جي برابر پويان سهڻي خان ڪلئيرونيٽ وڄائي رهيو آهي منهنجي پويان بشير احمد وايولن ٿو وڄائي تہ ’ناٿ‘ مينڊولن ٿو هلائي ڪرتار سنگهہ پياني تي وينو آهي ۽ ساڄي پاسي فقيرو سارنگي ۽ نورو طبلو پيا وڄائن.... سڀني سازيندڙن جون اکيون ۽ ڪن مون ڏانهن آهن هو اهڙي خبرداريءَ سان، منهنجي طرز کي جهٽي سازن جي سنگيت ڪري رهيا آهن جيئن اندران انجنير ڪا چوڪ نہ پڪڙي وٺي سڀني کي پنهنجي عزت جو اونو آهي...

مان ۽ سازيندڙ اهڙا تہ فقط هڪ خيال ۾ گم آهيون جو ڪو ورلو مهاتما ڪم دسوين دئاري چاهڙي گم ٿيندو هوندو....انهيءَ وقت ٻاهرين دنيا جي ڪابہ سرت نٿي رهي.... خاص ڪري مان تہ نئون هوس.... هڪ تہ ٿن منٽن ۾ راڳ پورو ڪرڻو آهي ٻيو لئہ تار- سر ۽ سازن جي سرت رکڻي آهي.... مان پڳونت کي سنياري هوشيار ٿي وهان ٿو ۽ يڪدم انجنير گهنٽي ٿو وڄائي..... گهنٽي ٻڌڻ سان اهڙي چپ ٿي ٿئي جڻ پرلئہ ٿي ويئي. سامهون ديوان لعلچند هٿ ۾ واچ کڻي بينو آهي..... مونکي بلڪل جهيڻي آواز سان ڪن ۾ چوي ٿو ”چندر سڌو راڳ ڳائجانءِ، متان پلٽا هڻين يا سرگرم پڙهين...“ مان فقط ڪنڌ سان جواب ڏيان ٿو.... اندران شيشي جي دريءَ مان اسان جو رڪارڊنگ آفيسر مسٽر’داسن صاحب‘ مون ڏانهن نهاري مشڪي ٿو ۽ مان يڪدم چوان ٿو... ”Ready Sir“ يڪدم ٻي گهنٽي ٿي وڄي... ساوڏان ٿي وڃن ٿا تہ سامهون ڳاڙهي بتي ٿي ٻري... بس

بتيءَ جو ٻرڻ ۾ منهنجو شروع ٿيڻ مان پنهنجي سُر جي سرت رکي اکرن کي بند ٿيل طرز ۾ ڳايان ٿو..... پر سڏو وينو ڳايان... ڇا ڪريان؟ منع جا ٿيل آهي ته پلٽا نه هڻج... رڪارڊ پريندي دل ۾ جوش ته ڏاڍو ٿو اڇيم ته ڪي ٻٽي مرڪون يا تانون وهايان يا سرگم پڙهان پر ڇا ڪريان؟ ٽن منٽن ۾ سمورو ڪلام ڏوهيڙن سان ختم ڪرڻو اٿم... پر قدرت منهنجي فائدي ۾ آهي ٽن منٽن وارو راڳ پوڻن ٽن منٽن ۾ پورو ٿي ٿو وڃي ڇاڪاڻ جو طبلي واري لئه وڌائي رکي هاڻي لعلچند گهٻرائجي هٿ مٿي ڪٽي آگر کي گول ڦيرائي اِشاري ۾ ٻڌائي رهيو آهي ته استائي وري چئه پر مان استائيءَ جي بدران ٻٽي سرگم پڙهي ٻٽي پلٽا هڻي باقي بچيل 15 سيڪنڊ سجايا ٿو ڪريان.... مون پنهنجي دل خوش ڪئي پلا رڪارڊنگ هلندي ٿورو ئي مونکي جهلي سگهندا. رڪارڊ برابر ٽن منٽن ۾ پرجي ويو. ڳاڙهي بتي بند ٿي، اندران ok جو آواز آيو... ڏٽيءَ جا لک لک شڪرانا جو رڪارڊ سنو پرجي ويو.... سڀئي خوش ٿي کلن ٿا، مون ڏانهن نهاري مشڪي چون ٿا، ته سنڌي رڪارڊ ۾ پلٽا ۽ سرگم ڇو هنيئه؟ مان چپ آهيان.... ديوان لعلچند آفيسرن کي چوي ٿو ته هن کي پلٽن ۽ سرگم جي عادت جا پيل آهي. سو جهلڻ سان به نٿو جهلجي. آفيسر چون ٿا. بهت اچا آياهئه ”سنگيت ڪا شان تواس ۾ هئه.“



چندر جا چوند گيت ۽ ڪلام

هڪ ڳالهه ته ٻڌ

هڪ ڳالهه ته ٻڌ منهن هيڏي ڪري،
چوٿو رهين تون راڳا مون ڪان پري.

1. هڪ حسن جي تاب تپايو آ،
ٻيو برهه بيتاب بڻايو آ،
ٽيون ٿور ٽلڻ هرڪايو آ،
ڪريان ڪيئن پلاءِ اچ پير پري.

2. چوٿون ڇُرچ ٻه پهرين پاڻ ڪيئه،
پنجون پيار سان جاڻ پڇاڻ ڪيئه،
ڇهون ڇيڙ پلا چاڪاڻ ڪيئه،
هاڻي ڪاڏي وڃان، ڏسِ ڏيان ڏري.

3. ستون سوز ڏيئي اَنون اچڻ نه ڏين،
نائون نور حسن، ڏهون ڏسڻ نه ڏين،
يارهون يار چندر کي کُچڻ نه ڏين،
ٻارهون ٻارڻ خوب ٿو يار ٻري.

دلبر جي در تي

دلبر جي درتي ڪيئن وڃان، در تي وڃڻ جي آ منع
در تي وڃي پهتس ٻه پر، ڪڙ ڪڙ ڪرڻ جي آ منع

1. ڪڙ ڪڙ ڪري در کي ٻه ڪڙڪايم پڇيائين ڪير آ،
هاڻي پلا مان چا ڪريان، نالي کڻڻ جي آ منع.

2. نالو بہ ورتم دل جهلي، نالو ٻڌي چپ تي ويو،
واڪا پلا مان ڪيئن ڪريان، واڪن ڪرڻ جي آ منع.

3. واڪا ڪري جيئن مون پڪاريو،تي خفي هن هيئن چيو،
واپس هليو وڃ تون چندر، اندر اچڻ جي آ منع.

4. ڪجھ دير سان اندر بہ پهتس، چا ڏنم پردي ۾ هو،
ڪنهن جي اڳيان بي پڙدي ٿي، منهن کي پٽڻ جي آ منع.

5. پڙدو هٽائي سامهون آيو بہ پر چُپ چاپ هو،
هت ڪجھ چوڻ مشڪل تہ چا، پر اک کڻڻ جي آ منع.

6. منٿن سان مس مس اک کنيائين ۽ چيائين اي چندر،
هڪوار توکي معاف آ، ٻيهر اچڻ جي آ منع.

7. تنهن جي ڪري ٿو مان چوان، دل کي سنڀالي لائجو،
اهڙي حسين سنگدل سنم کي، دل ڏيڻ جي آ منع.

دل کي گهٽو وٽين ٿو

جنهن وقت ٿو نهارين، سهٽا اکيون کٽي ٿو،
دل کي گهٽو وٽين ٿو،
سچ ٿو چوان او سهٽا، ويتر گهٽو وٽين ٿو.

1. چشمن سان ڳالهہ چوري، وري ناز سان منهن موڙي،
اکڙين جا تير چوڙي، ذوم مان ڪشي هٽين ٿو.
ويتر گهٽو.....

2. جنهن وقت پائين جهاتي، عاشق مرن ٿا ڪافي،
اکڙين ۾ رکي ڪاتي، قاتل جڏهن ٻٽين ٿو.
ويتر گهٽو.....

3. هڪ ئي چندر اِشاري، زخمي ڪيئہ هزارين،
ٻيهر وري نهاري، گهايل جڏهن ڳٽين ٿو.
ويتر گهٽو.....

هر هر منٿون ڪير ڪري

گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ پل پل ۾ تو رُسين، تہ منٿون ڪير ڪري،
ڪڏهن ڪڏهن سو رُسبو آ، پر تون تہ رسين ٿو ذري ذري.

1. پل جو وڇوڙو پهر مثل ۽ پهر مثل آ سال سڄڻ،
گهايل دل ڪيئن گهاري سگهندي،جئڻ لڳيم جنجال سڄڻ،
دم دم روز وڇوڙي ۾، بي موت دکي ٿي ڪير مري.

2. آءُ تہ ڪريون پرچاءُ پيارل،پاڻ ۾ هڪ ٻئي ساڻ پَهي،
پهنداسون جي پِرت پچارون،پل ۾ ويندا سور لهي،
مونکي حڪم ڪر مان ئي اچان يا پاڻ سڄڻ اچ پير پري.

3. دل وارن جي درشن ٻاجهون،هر هر آهون ڪير پري،
تنهائيءَ ۾ سوچ ڪري ڏس،دل سان ويهي ڏيان ڏري،
ريت رسڻ جي رسم چڙي ڏي،چندر رسڻ مان ڪچ نہ وري.

ڏار رهڻ جڻ آهي مرڻ

جنهن کي دلڙي ڏيڻ، تنهن کان ڏار ٿيڻ،
اهو ناهي مرڻ ٻيو ڇاهي سڄڻ.

1. پهرين پيار ڏيڻ، پوءِ پرتي پيڄڻ،
ڇني ڇاڪون ڇڏڻ وري ڪين سڌڻ،
ڏيئي برهہ پيڻ، وري ڪين ورڻ، جڻ تہ آهي مرڻ....

2. تنهنجي فِڪر چندر کي فقير ڪيو،
تنهنجي نينهن نسن ۾ ناسور ڪيو،
ڳليون ڳوٺ گهمڻ، ڳٽتين ۾ ڳرڻ، چڻ تہ آهي مرڻ....

عاشق جو جنازو

عاشق جو جنازو آ،ذرا شان سان ڪڍجو،ڏيان سان ڪڍجو.

1. سپ ساز وڄن سوز مان، جئن آسمان گڄي،
پهرين شروع ٿئي سارنگي، سُر سُرت سان ڪڇي،
تنهن ڪان پوءِ برهہ واري بنسي ورهہ مان وڄي،
گڏ وايولين، ڪارنيٽ، قرب مان ڪڇي،
مرڏنگ سان ملن ساز،سرگم تان سان ڪڍجو،ڏيان سان ڪڍجو.

2. ايڪاتار مان ستار وڄي، ڍار سان هلجو،
هيءُ پار اٿو يار جو سپ، پيار سان هلجو،
جي خاڪ ڪريو پاڪ، تہ چنڪار سان هلجو،
۽ گلن جي سيجا نهي، هٻڪار سان هلجو،
سچ ٿو چوان تہ سڪ ۽ سومان سان ڪڍجو، ڏيان سان ڪڍجو.

3. طابوت هلن فرشتا ڪٽي، شوق مان جهلي،
پِنڪي ۾ پرين جو بہ جگر، جوش مان جلي،
سپ حسن وارا گڏجي، ڪين سرگسون پلي،
محبوب خود چندر جي جنازي سان گڏ هلي،
اللهہ جو قسم اٿو، ايمان سان ڪڍجو،ڏيان سان ڪڍجو.

بنا عشق ڪجهه نہ قبوليان

پلي منٿ ڪن پر مجان مان نہ ڪڍهين
بنا عشق ڪجهه پيِ قبوليان نہ ڪڍهين

1. ملي مانُ هرجاءِ وڏي شان شاهي،
هُجن پل سون ۾ سلامي سپاهي،
ملي گردنيا جي سڄي باد شاهي... پلي منٿ ڪن.....

2. سُمهڻ لاءِ منهنجي سني سيج ناهن،
پشم جون پٽرٽيون وڇاٽان وڇائن،
عطر مشڪ عنبر لڳن تي لڳائن.... پلي منٿ ڪن.....

3. پلي باغ بنگلا ڪي مون لئہ بنائن،
چمن جي بهاريءَ ۾ جُهولا جُهلائن،
دنيادار پنهنجو خزانو جي آڇن... پلي منٿ ڪن.....

4. حسينن جون در تي لڳن پل قطارون،
اَچي مُنهنجي در تي نچن ناز واريون،
اِندر جي سڀا جون اپڇرائون نياريون... پلي منٿ ڪن.....

5. پلي مونکي مرشد گرو پير پائن،
مجي پير در تي ڪي ميلا لڳائن،
ڪي خادم ڪي طالب ڪي چيلا چوائن... پلي منٿ ڪن.....

6. اچن پل منائڻ سڪندر ۽ دارا،
اچن پل منائڻ سيئي حُسن وارا،
اچن پل منائڻ جواهرلال پارا..... پلي منٿ ڪن.....

7. سواءِ عشق جي ٻيو نہ ايمان گهُرجي،
دنيا جي نہ عشرت جو سامان گهرجي،
چندر سچ چوي ٿو نہ ڀڳوان گهرجي.... پلي منٿ ڪن.....

نهاريندين مري ويندين

حُسن وارن جي نيڻن ۾ نهاريندين، مري ويندين،
اَڙائي پاڻ پڃري ۾ پڪاريندين، مري ويندين.
1. لڳئه جي تير سهڻن جا، سٽي وڃهندءِ ڦٽي وڃهندءِ،
زخم ٽيندءِ پٽيون ٻڌندءِ، سنڀاريندين مري ويندين.
2. حسن وارن کان ڪر پاسو، نه دل ۾ جاءِ ڏي تن کي،
حسينن کي جي هردي ۾، وهاريندين مري ويندين.
3. ٻڌڻ وارا ڏجانءِ نياپو ڏسڻ وارن عشاقن کي،
چندر جي هيءِ هدايت جي، وساريندين مري ويندين.

شعر

هڪ شوق اٿم دل ۾ جي ٻُڌو ته ٻُڌايان
عوشاق سڀ ڪٺا ڪري هڪ شهر اڏايان
ٻيو قُرب جو قلعو ٻڌي کي گهايل گهرايان
۽ محبتين کي ميڙي هڪڙو ميلو لڳايان
ٻيا وکر سڀ وساري وکر عشق رکايان
حاڪم جي هجان ملڪ جو ته حڪم هلايان
۽ عشق عدالت جي پاور جي مان پايان
جو عشق کان خالي ڏسان سو قتل ڪرايان
پر برهه لڳل يارن لئه بنگلو بنايان
سڪ وارن جي لاءِ سني سيجا وڇايان
ڪو سوز ۾ سڙيلن کي مان دم ته پٽايان
جي دم نه ڏنم درد ۾ ته نالو مٽايان
ملي عشق شهادت تڏهن مان چندر چوايان

مومل راڻو:

مومل جو ڏينهن

هڪ لڳو هئه هئه هشر ٿيو ڪين آيو ڦُربدار،
ٻين بجي ٻيٺا چڙهي ويا چشم تي خاصا خُمار
ٽين بجي ٿهڪڻ لڳي دل درد ۾ ٿي تار تار
چئين بجي چانئٺ تي ويهي مون رُنو ٿي زار زار
پنج لڳا پر ڪين آيو، پئي پُڇايم پار پار
ڇهين بجي چڪ تي گهٽي جنهن ڪان چنم ٿي وار وار
ست لڳا ٿي سرس سوڊل جي اَندر ۾ سار سار
اَٺ لڳا ايمان گهٽ ٿي ويو وڏي دل تي بُخار
نو لڳا نيٽن وهايا نينهن جا ٿي نار نار
ڏهه لڳا ڏسندي ڏُکن جا ٿيا ڏهوٽان بار بار
ٽا لڳن يارهن مٿان پر ڪين آيم يار يار
ويا لَڳي ٻارهن چندر، راڻي لڏي ناهي سنيار.

مومل جو هفتو

سومر تي ٿي سار سڄڻ جي، سار ڪيو بيمار مونکي
منگل تي هو مونجهه مُنجهايو، مونجهه ڪيو بيمار مونکي
ڏينهن ٻڌر جي ٻاڏايم ٻهڳڻ ڪي، دل ڪان ڏار نه ڪر
وسپت تي ورلاپ ڪيم، اِقرار ڪري اِنڪار نه ڪر
جوش جمع تي آيو جگر ڪي، سُڏڪا پري سوڊل ڪي سڏيم
ڇنڇر تي ٿي چڪ ٻه ڇهوٽي، ڇرڪن دل ڪي ڇني ڇڏيم
آچر تي آواز نه نڪري، بيوس تي هيءَ بند زبان
هئه هئه هفتو هجر ۾ گُذريو، چندر ڪريان مان ڪهڙو بيان

مومل جو سال

چيٽ ۾ چاڪن ڪئي دل چوُر، جنهن جو سور آ
وهه وهڻ ويساڪ ۾ ٿيو، چو تہ دلبر دور آ
ڄيٺ ۾ ڄاتم تہ ايندو، چمڪندو دل جو چمن
هئہ الا! اکاڙ ۾ پيي ڪين آيو گلبدن
سرس ٿي ڪُڇُ سار ساونڻ ۾، وسي برسات ٿي
بُتُ بدي ۾ ويو ڳري، مشڪل سان نبري رات ٿي
اَسوءَ ۾ آلاپ ۽ ورلاپ ۽ واڪا ڪيم
ڪتيءَ ۾ ڪوڪان ڪيم، ڏاڍو رُنم رستا ڏنم
ناهريءَ ۾ نينهن جي نشتر ڪيا نيشان نوان
پوهہ ۾ پاڳل ٿيس، تقدير کي مان چا چوان
مانگهہ ۾ ٿي ماند ڪائي، نبض دل جي ٿي جهڪي
ڦاڳڻ پيي آيو ڦري، پر چندر آئين ڪين ڪي.

داغ پراٽا

رُس نہ رسڻ ۾ چاهي راٽا
ريت رُسڻ جي رمز نہ ڄاٽا

1. پريت پُراٽي پيچ پراٽا
عشق اڳوٽو سَمجهہ سياٽا
مومل ساڳي باغ پُراٽا
دَردَ نئين سر داغ پراٽا

2. چاڪ نہ آهيان چاڪ ڪري وڃ
محل مومل جو پاڪ ڪري وڃ

ڪاڪ ڪري وئين خاڪ جا چاٽا
ور تہ وساٽل وسن وتاٽا

3. درد چئي منھنجي دلڙي ھتي آ
درد نئين لئہ جاءِ ڪٿي آ
داغن جا آھن دل ۾ داٽا
درد ڪي سانديان ڪٿي سياٽا

4. سُڪن جي پاليل ڏُڪن ۾ پيئي
دام ۾ ڦاسي دل ڪيئن ويئي
جنھن گھايا ھا چندر گھراٽا
سا مومل اَڄ ڪري پُڇاٽا

ديش ڀڳتي گيت:

اُٿ نوجوان

اُٿ اُٿي پھرين تہ پنھنجي تون تکي تلوار ڪر
ھو ڪري ھڪ وار توتي، تون مگر سو وار ڪر

جي ڌرم جي لاءِ توکي سر پوي ڏيڻو ڪٽي
مر پلي، پر سر اول دشمن جو ڌڙ کان ڌار ڪر

ڏس وجي گيتا ۾ چا ڪرشن ھو ارجن کي چيو
تير ھڻ اھڙو جو دشمن جي جگر مان پار ڪر

جسم جي طاقت جھڙي توکي تھڙي غيرن کي آھ
بس فقط دل کي ڏئي ھمٿ اول ھوشيار ڪر

وقت ويو ڪافي وڃڻ ۾، اڄ مگر سنگهنن ڪريو
اي هندو چو ٿو لڄائين پاڻ کي نا خوار ڪر

رک اُها دهشت ڏسي پيو دور ڪان دشمن ڏڪي
پر ڪٽي سامهون ٿئي تنهنکي ٽڪر تون چار ڪر

سِرُ اڳي پوءِ نيٺ ويندوڪنهن نہ ڪنهن تدبير سان
قوم تان سرگهوريو صدقي ڪُٽنب گهر ٻار ڪر

جي مري ويندين مريضن جان تہ ڇا ملندءِ ڀلا
تنهنکري جاتيءَ مٿان تون پاڻ کي ٻلهار ڪر

پڙهہ وجي اِتهاس ڪولي چندر ويرن جا ڪتاب
تِنِ شهيدن سورمن جي ڪار تون اختيار ڪر.

وطن جو درد

درد پنهنجي ديس جو دل ۾ جوانو ڏار جو
جن چڙيا پنهنجا لقب گهر ٻار هندستان ۾
جن گذاري عمر ساري قيد جي ايوان ۾
جن ڪٽايا شوق سان سر مشڪندي ميدان ۾
تن شهيدن سورمن وانگر مري ڏيکارجو
دم پيو هر ڪو هٽي پر هند جو دم ٻيءَ طرح
ڪم تہ دنيا ۾ گهڻا پر ديس جو ڪم ٻيءَ طرح
غم زماني ۾ گهڻا پر ملڪ جو غم ٻيءَ طرح
ديش جو غم جي اچي هرگز نہ همٿ هارجو
هندواسي هند ۾ ميلاپ جو بم ناهجو
گڏ نهيل گولي سان دشمن جي قلع تي ڪاهجو

چاڙهجو پنهنجو ئي جهنڊو ۽ پرائو لاهجو
جو توهان کي ٿو منجهائي تنهنکي گڏ جي مارجو
ايڪتا اتحاد سان ٿئي دل جو آئينو صفا
گڏ رهڻ وارا پيلا هڪبئي کان ڪئن ٿيندا جدا
مٺ محبت آ جتي، راضي اُتي ٿئي ٿو خدا
قرب قرباني ڪرڻ سکجو، سکي سيکارجو
سير ۾ ٻيڙي ٻنهي جي ۽ ٻنهي تي بار آ
هڪ ته ٻيڙي آ پراڻي، ٻيو ته پاڻي تار آ
واءُ پيو ناهي سٽائو، پهچڻو پيو پار آ
تار ۾ ٻيڙي لڏي ٿي، چندر گڏجي تارجو.

ويراڳ ورتي گيت:

سنگت ڦٽائي ويا

رُئان چو نه سرتيون، سنگت ويا ڦٽائي
آداسي هليا ويا، اُداسي ٻڌائي
1. رهيا رات هڪڙي، صبح جو لڏيائون
مسافر ته هئا پر، ائين چو ڪيائون
ٻڌائي وڃن ها، مونکان موڪائي . رئان چو نه.......
2. آيا سئر لئه ها، ته ڪچ سئر ڪن ها
ڏسن وائسن ها، رهن ها گُهمن ها
اُميدون اندر جون، ويا دل ۾ دٻائي. رئان چو نه.......
3. خبر جي پوي ها، وڃن تا ويراڳي
ڪريان ها رهاڻيون، چندر تن سان جاڳي
مونکان ڪين پلندا، مونکي ويا پلائي. رئان چو نه.......

گهر ڇڏي ويا

جن ساڻ گڏ گُذاريم، سي پيي تہ گهر ڇڏي ويا
لاهوت کان هوُ آيا، لاهوت ڏي لڏي ويا
اَهڙي سنگت رکيائون، گڏجي هتان لڏيائون
جوڳي جوان سُهڻا، هڪ ٻئي کي ڪٺن سڏي ويا.
دردن جي هن دنيا مان، جهٽ پٽ لڏو پٽيائون
ڪوڙو تڏو ڇڏي هت، ڪرتار جي تڏي ويا.
غم کان ڇُٽي هليا ويا، گم ٿي ويا گم غفا ۾
غم جي ڏئي نشاني ، غم سان چندر گڏي ويا.

آخر تہ اَدا تون بہ زماني مان لڏيندين

باغن ۾ بهاري ۽ خوشبوءِ نہ آ صفا
بنگلن ڏي نهاريان ٿو تہ بنگلا بہ بي بقا
ماڻهو بہ سڀ تا ڏسجن سر کان اصل خفا
هر چيز بي بقا تہ پوءِ ايندي ڪٿان وفا
اهڙي دُنيا سان ڪيئن ڳهيلا تون ڳنديندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين
تُنهنجي ئي ڏني ڪيترا تنهن جا ويا مري
تُنهنجا ئي ابا ڏاڏا ۽ پائر برادري
وينين تون ڪيئن وساري پنهنجا ئي پاڙيسري
اکين سان ڏسين ٿو تہ لڏي ويا لکيسري
تڏهين ٻڌاءِ پاڻ کي ڪنهنسان تون گڏيندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين

زرگر بہ هليا ويا تہ ڪاريگر بہ هليا ويا
تونگر ۽ گداگر ۽ سوداگر بہ هليا ويا
مفلس هليا ويا ۽ ستمگر بہ هليا ويا
جادوءَ ڪي هلائيندي جادوگر بہ هليا ويا
ڇا سمجهين ٿو تہ تون نئي دُنيا ڪا اڏيندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين
پوشاڪ ڪيمخواب پائيندڙ هليا ويا
شعرن جو ناٽ ناهي ناهيندڙ هليا ويا
سازن ڪي ملائيندي سازيندڙ هليا ويا
واڄٽ وڄائيندڙ ۽ ڳائيندڙ هليا ويا
وڻ ئي وفا جا ويا سڙي تہ ڪنهنڪي سڏيندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين
ڪوڙي دُنيا جي موھ جي محبت تہ ڇڏي ڏي
گمراھ ٿيءُ نہ غافل غفلت تہ ڇڏي ڏي
آلس ڪي ڇڏي ڏي ۽ عداوت ڪي ڇڏي ڏي
حرس ۽ هوس جي يارتون حرڪت تہ ڇڏي ڏي
اڄ ڪين جي ڇڏيئہ تہ سياٽي تہ ڇڏيندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين
آواز نيٺ ايندو زمين آسمان مان
هڪ ڏينهن هليو ويندين چندر جهان مان
واپس نہ ايندو تير جو ڇُٽندو ڪمان مان
ايمان وارا پاس ٿيندا امتحان مان
ٿيءُ نيڪ نيڪيءَ سندو نيشان ڇڏيندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين

قسمت جدائي ڪئي

قسمت ڪئي جُدائي، دل ۾ تہ تار آهي
مون تي لڪين ميارون، هو بي ميار آهي
اهڙي تہ دل ڳنڍيل آ، هرگز نہ آهي ڇڄڻي
باقي جُدا رهڻ جو ڪڇ انتظار آهي
دل جي آ آس دل ۾، شل آس پوري ٿيندي
هڪ ڏينهن مونکي توسان ملڻو تہ يار آهي
جنهنکي ڏني اٿم دل شل سوچني نہ ناتو
پرواهہ ٻئي جي ناهي، هڪ جي پچار آهي
دل آ ٻنهين جي هڪڙي باقي فرق اهو آهہ
مان ڪين جهڙو آهيان، هو قُربدار آهي
جهڳڙو آ دل جو دل سان ڇڻ موت آ وڇوڙو
مون کي تہ همٿ ناهي، هو برد بار آهي
قسمت ڏئي جي موڪل گڏجي رهون هميشه
مان پيي تيار آهيان هو پيي تيار آهي
دلدار ناهي مون سان ڇا ڇا نہ ٿي رهيو آ
اڪثرين ۾ خود خماري ٻُت ۾ بُخار آهي
جنهن لئہ رئي چندر ٿو سو پيي تہ رئندو هوندو
مونکي ٿي دل ٻڌائي تہ هن کي بہ سار آهي

ناٽڪ/ گوبند مالهي



چندر جي ياد ۾

(ٻٽيا سيڻ، ثريا نيڻ)

پاتر:

1. **ماسٽر چندر**
2. **هيڪند : (زال)**
3. **پرسرام ’ضيا‘: (پاڙيسري)**
4. **گوپي : ضيا جي ڌيءُ**

چندر- اڙي واهه! سنڌڙيءَ مان خط! يج پيٽا جا پُٽ! سو بہ اَدي عبدوءَ جو! چئبو سنڌ اَجا چندر کي ساري پيئي. پر اڙي! هي وري ڇا؟ ڪاري حاشي! ڏسان، سنڌ ۾ ڪنهنجو ديهانت ٿيو آهي؟ (خط کولي پڙهي ٿو) ”ادا، سلام وعليڪم. هت سنڌ ۾ هُل پئجي ويا آهن تہ ماسٽر چندر گذر ڪري ويو آهي. ڪُسجي ويو آهي. ڇا اِها بد خبر صحيح آهي؟“ اَلائي گهڻا پيرا چندر کي مارينداا. پر چندر! مري مري وري اُٿي ٿو ڪڙو ٿئي. اُٿان، ڪاغذ قلم کڻي جواب ڏيانس. (اُٿي ٿو، ڪاغذ قلم کڻي ٿو، لکي ٿو) ”پيارا عبدو، سهڻا ... (خط پڻ پڻ ۾ لکي ٿو) پر هيڪند کي تہ ٻڌايان. هيڪند. او سياڳي، ڀاڳ ڀري، هيڏي تہ آءُ. (هيڪند اَچيتي) هيءُ خط پڙهہ.

هيڪند - پيڪن مان آيو آهي؟

چ - توکي تہ سپني ۾ بہ پيکن جي تات تنوار آهي. اَڙي سنڌ مان خط آيو آهي عبدوءُ جو. پڇيئو چندر حيات آهي يا نہ؟

هہ - (وات تي هٿ ٽي رکيس) چپ ڪريو. صبح صبح جو شُپ تہ ٻوليو. مار پوي توهانجي سنڌ وارن کي. ماريا واندا وينا آهن.

چ - اڙي مون تہ سندن لاءِ جواب بہ لکي رکيو آهي. ٻڌندينءَ؟

هہ - ضرور شاعريءَ ۾ ئي هوندو. ڳائي ٻڌايو نہ.

چ - ٻڌ سَياڻي- مان دنيا کي سجاڻان ٿو.....

مان دنيا کي سڃاڻان ٿو، مان دنيا جو ڏتل آهيان
نہ دنيا ئي لکل آهي، نہ دنيا کان لکل آهيان
چون ٿا ويو چندر ڪسجي، برابر مان ڪٽل آهيان
مٺل آهيان محبت ۾، مان جئري کان ٽٽل آهيان
جئڻ وارا پيا مرندا، مرڻ کان مان ڇٽل آهيان

هہ - واهہ پر مونکي توهانجون ڳالهيون سمجهہ ۾ نٿيون اَچن.

چ - مونکي اڳ ئي خبر هئي تہ تون سمجهي سگهندينءَ بہ نہ.

هہ - (غصي ۾) ها، مان ڇو نہ سمجهندس؟

چ - اڙي، غصو وري ڇا تي ٿي ڪرين؟مون غلط تہ ڪونہ چيو.

هہ - نہ، نہ..... اوهان ۾ غلط، ڪوڙو ئي نہ ٿو لڳي. مان تہ آهيان ئي بي سمجهہ، بي عقل، بي علم، باقي اوهان...... (مُنهن هٿ سان ڍڪي روئي ٿي)

چ - اڙي روئين ڇو ٿي؟

هہ - مونکي ڇڏيو پنهنجي حال تي. مان اوهان جي لائق ٿورئي آهيان.

چ - پر مون ڇيو ڇا؟ ياڳ پري روءُ نہ. ڇڳو ڀلا مان پنهنجا لفظ واپس ٿو وٺان. ڏاهي، تون سمجهو آهين، عقلمند آهين، ڇاٽو آهين، بس (هٿ مُنهن تان هٽائيس ٿو)
(هيڪند کلڻ ٿي لڳي) اڙي!!

هہ - کيئن! مجايومانوَ نہ؟ (کلي ٿي، ٺهڪ ٿي ڏئي)

چ - يج پيٽا جا پٽ! اڙي! تون تہ ڪا ناٽکي آهين.

هہ - (کلندي) آخر جوءِ ڪنهنجي آهيان.

چ - ڇڳو هاٽي منهنجي جوءِ، سڏ ڪر پاسي مان پرسي ڪي. هو ئي مونکي سمجهي سگهندو.

هہ - ها، سڏيانس ٿي. اوهان دوست ئي نہ، ٻہ جسم هِڪُ روحُ آهيو.

چ - ها، سچ ٿي چوين. اسين ٻئي يار ئي نہ، رشتيدار ئي نہ پائر آهيون. سي بہ سڀا. (ڳائي ٿو)

سک ۽ سنگت جو يار سڀو،
ڪڏهن مان ٿو ڇڪيان ڪڏهن هو ٿو ڇڪي
ڪريون لک چپ گڏجي راند ٻئي،
ڪڏهن مان ٿو لڪان ڪڏهن هو ٿو لکي
غم درد جدائيءَ جو جي اچي
ڪڏهن مان ٿو سکان ڪڏهن هو ٿو سکي
اها رات وصال جي هڪبئي وٽ
ڪڏهن مان ٿو ٽِڪان ڪڏهن هو ٿو ٽکي
سچي مُحبت جو آهي گاڏو چندر
ڪڏهن مان ٿو ڏکيان ڪڏهن هو ٿو ڏکي

هہ - اَڙي! ضيا پاڻ پيو اَچي. مجبو اوهان ٻنهي ۾ ڪا تند بنا تار لڳل آهي. هڪ ياد ڪيو ٻيو ترت حاضر.

ضيا - آداب، پاپي. اوهہ! معاف ڪجو، صُبح جي رام رام پاپي.

چ - اڙي پرسل. اَڄ اخبار ۾ تنهنجو **’پٽي ٽي پوهوءَ ماءُ‘** پڙهيم. دل خوش ٿي وئي. مائي ناهي، باه جو شعلو آهي شعلو. مائي ڪپڙا نٽي سٽي. پاڻ ۽ تہ پنهنجي زهر ڀريل زبان روپي سوٽيءَ سان ڪانگريسين، ڪئمپ جي سنڌي اڳوانن، مُڪين توڙي رشوتخورن کي سَٽي سَٽي، چا تہ سندن چوڏا ٿي لاهي. دلبر، جئن پوءِ تئن وجين ٿو سولو ٿيندو.

ضيا - ماستر، اِهو سڀ توهانجو پرتاب آهي. اوهان مونکي ڳائي ڳائي سنڌين ۾ پيارو ڪيو آهي.

هہ - پر مونکي بہ تہ ڪجھہ ٻڌايو. پوهوءَ ماءُ ڪير آهي؟ چا ٿي چوي؟

چ - پرسا، ٻڌائيس.

ضيا - ها ٻڌو. پٽي ٽي پوهوءَ ماءُ،

ڪنڌ پڄي شل ڪانگريسن جو ڪيو اٿن ڪنياءُ.

چ - واهہ، سهڻل واهہ!!

ضيا - **سنڌ سموري ڏنائون ڄٽين کي،**

مت نہ مهل تي آئي مُئن کي،

جناح کي پي،

اُسان هندن تي،

ڪين پيو کهڪاءُ پئي ٽي پوهوءَ ماءُ.

هہ - برابر. سموري سنڌ ڄڻ زوريءَ دان ۾ ڏيئي آياسين. بلڪل نيڪ لکيو اٿوَ.

ضيا - اڳتي ٻڌو.

يارهينءَ وارو پير ڪو پڄندن،

لال سائين ڪا اُبتي هٽندن،

ڪئمپ ۾ آٽي ڦٽو ڪيائون،
ڏيئي اٽي جو پاءُ،
پٽي تي پوهوءَ ماءُ بس،

پاپي ڏاڍو وڏو نظم آهي. پر ماستر هي چا؟ ٽپال ۾ هيڏو چنين جو ڍير؟

چ - سنڌ جي قدردانن جا قرب آهن. عبدو پچيٽو.......

هه - وري؟ (وات تي هٿ تي رکيس) چيم نه، سُهاڳڻ جي سهاڳ بابت اَشي نه ٻوليو.

ضيا - مان سمجهي ويس. سنڌ ۾ وري اُفواه اُٿيو هوندو ته چندر ڪُسجي ويو.

هه - وري پائو، اوهان به؟ مان هلي ٿي وڃان.
(غصي ۾ وڃڻ تي لڳي)

ضيا - اَڙي اَڙي پاپي! وڃو ڪيڏانهن ٿا ؟ (ٻيهاريس ٿو)

چ - پرسا، چڏيس. وڃڻ ڏيس. ائڪٽنگ تي ڪريئي.
(سپ کلن ٿا)

ضيا - ٻيهه پاپي، ٻيهه. چندر سنڌين جو لاڏلو ڪلاڪار، ڪُسجڻ جو ناهي. هنتي گرو گلراج جي مهر: ماتا پِپُر جي آسيس آهي. سموري سنڌ جي اَنيڪ درٻارين ۽ درگاهن ۾ هن سجدو ڪري، موسيقيءَ پريو ڳائي ساڌن ۽ صوفين جي دعا ڪٽي آهي. صوفي درويش سائين روچلداس ۽ ڀڳت ڪنور جو ٻه هن تي هميشه هٿ رهيو آهي.

هه - اوهانجي وات ۾ گلاب.

ضيا - ۽ ٻڌ پاپي، سنگيت آچاريہ چندر سنڌي سنگيت کي سنڌي عوام تائين پهچايو آهي. هندو ۽ مومن ٻئي هنجو سدا خير گهرندا آهن.

هہ - واهہ، پائو واهہ. دل خوش ڪري ڇڏيوَ. مان هينئر ئي توهانکي سچي گيهہ ۾ ٻڌل مالپوڙا ڻاهي ٿي ڪارايان.

چ - يج پيٽا جا پٽ! هي ٻئي مالپوڙا ڪائيندا. اڙي ائڪٽرياٽي...... ۽ مان؟

هہ - دل دکيءَ ۾ رکو. دلجاءِ ڪريو. اوهان پهرين.

ضيا - پاپي، مٿان ٿاڌل پيئنداسين. گوپيءَ کي چئي آيو آهيان. ڄاڻ آئي ڪير واري ٿاڌل ڪٽي.

چ - واهہ! هيءُ تہ سون تي سهاڳي جو ڪم ٿي پيو.

ضيا - ماستر، مون رات سپني ۾ شاهہ لطيف سان ملاقات ڪئي.

چ - شاعريءَ ۾؟

ضيا - ها. نهايت وڏي شعر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي دکدائي حالت ۽ سنڌين جي افعالن بابت بہ شڪايت ڪئيمانس. هن سنڌي ٻوليءَ جي ڦلڻ ڦولڻ جو وشواس ڏياريو.

چ - ڇا چيس؟

ضيا - چيومانس.

کيتريون ڪن ٻار آيائن ٻلي
ماءُ جي لولي نہ تن کي ٿي ملي
پيءُ خوش، سنڌي نہ پٽ کي ياد آ
ماءُ خوش، ٺهہ ٺهہ ڪري پيئي ڪلي
اڳ زمانو اور هو، اڄ اور آ
پاڻ پلجڻ جو اڄي ويو دور آ.

چ - ۽ لاکيٽي لطيف ڇا چيو؟

ضيا - **شاهه فرمائڻ لڳو، ڪجهه غم نہ ڪر**
غم نہ ڪر، سنڌي زبان رهندي اَمر
سنڌي ٻوليءَ تي آهي مؤلا جو ڇٽ
جنهنتي ڇٽ مؤلا جو، سا سيني جو مَٽِ.

چ - واهه، جنهنتي ڇٽ مؤلا جو، سا سيني جي مٿ. مون بہ سنڌين جي خوبين ۽ خامين بابت 19 اَنترا لکيا آهن.

ضيا - ڇا؟ 19 انترا؟ ٻڌايو ماستر.

چ - **وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي،**
هو هرفن ۾ آهن سي هوشيار سنڌي.

سندن خوبين ۽ ٻن خامين جو بہ ذڪر ڪيو اٿم.

ضيا - ڪهڙيون خاميون؟

چ - هڪ جوئارو اٿو آهن ۽ ٻيو مشهوريءَ پنيان چريا.

ضيا - برابر. اِهي بہ خاميون نہ هجن هنن ۾، تہ هي هرفن ۾ موليٰ سنڌي ڪنهنجي ونجڻ جا نہ آهن. ماستر اڳتي؟
(اِتي گوپي هٿ ۾ ٿاڌل جو جگ ڪٽي اَچي ٿي)

چ - بس. وڏيڪ ٻئي دفعي.

ضيا- اجها، گوپي بہ اَچي وئي.

چ - اچ گوپي اچ. نياڻيءَ، پاسي ۾ ٿي رهين. تڏهن بہ دادا وٽ مشڪل اَچين.

گوپي - ڇا ڪريان دادا؟ فرصت ئي نٿي ملي.

ضيا - گوپي، رنڌڻي ۾ پاپيءَ ڪي نيرن ڏاهڻ ۾ وَجي هٿ وناءِ.
(گوپي وَجي ٿي چندر گوپيءَ ڏانهن نهاريندو ٿو رهي).

چ - پرساهه گوپي ڏسندي ڏسندي وڏي ٿي وئي آهي. اباهه هنجي ڪا ڳڻ ڪر.

ضيا - ماستر، اجا تہ مجي ئي نٿي. ڇوي ٿي اجا تہ مان ننڍڙي آهيان.

چ - کٿي منهنجي رڪارڊ واري ٻولي ته ڪانه ٿي ٻولي؟
ضيا - رڪارڊ ڪهڙو ؟
چ - **اَچا ته ائٽ مان ننڍڙي آهيان**
ننڍڙي ننڍڙي ننڍي آهيان
وڏي ٻه نيٽ نه ٿيندس
مائٽ منهنجو مڱڻو ڪرائيندا
جوان جڏهن مان ٿيندس.

سو ادل گوپي وڏي ۽ جوان ٿي چُڪي آهي. ترت سندس لائق وَرُ ڳولهه.
ضيا - سني ور گهر جي تلاش اٿم، گهڻي وقت کان. ماستر، سچ پڇين ته ور گهر ڳولهيو به اٿم.
چ - ماشا الله! پوءِ دير ڇا جي؟ ڇَٽِ مڱڻي، پَٽِ وواهه. ڪري وٺ گنگا اِشنان. ڇوڪرُ ڪير آهه؟
ضيا - ياءُ جهڙو متر آهي مُنهنجو. پاڙيسري به آهي. هنجي وڏي پٽ تي نگاهه آهه منهنجي.
چ - ياءُ! متر! پاڙيسري! اڙي پرسل، ڪٿي تنهنجي نظر منهنجي پٽ گوپ تي ته نه آهي؟
ضيا - ها. گوپ ۽ گوپي. ٻئي هڪ ٻئي جو جيس آهن. ماستر، هڏ پيڳل آهي گوپي.
چ - (پاڻ سان ڳالهائيندي) ياءُ، متر، پاڙيسري!... ۽ هاڻي سيڻ! ٻنهي جا نري پوندا نيڻ. ڪير ڄاڻي اڄ جا مالپڙا منهن منو ڪرائڻ جي رسم ادا ڪندا هجن. ادا، مونکي ڳالهه وڻي ٿي. پر...... هڪ اَرچڻ آهي، پرسا.
ضيا - ڪهڙي؟ اَرچڻ
چ - مان شاديءَ ۾ گهوٽ پيءُ نه بيهندس.

ضيا - ڇا؟ پرچو؟

ڇ - توکي تہ خبر آهي پرسا، تہ مان سنڌ ۾ پنج ست سال اڳ پنهنجا بہ جوان پٽ وڃائي چڪو آهيان.

ضيا - ها، برابر ياد اٿم. ڪنعيو ۽ منسک... اوهان سندن ويوگ ۾ ڪافي شعر بہ لکيا هئا.

ڇ - مان اِن بعد پنهنجي اولاد تي پنهنجو حق نہ سمجهندو آهيان ۽ کهڙي حق سان مان گهوٽ پيءُ بيهان؟

ضيا - تہ پوءِ؟ هاڻي ڇا ڪجي؟

ڇ - ها، اگر سائين روچلداس ۽ ماتا پپر ٻائي گوپ جي شاديءَ وقت ماءُ پيءُ بيهن، تہ مونکي رشتو منظور آهي.

ضيا - واهہ، ڀڳوان اجا بہ وڏائيندُو. تہ پوءِ پايون پاڪر؟

ڇ - دم جهل. هيڪند سان ڳالهہ ڪرڻ ڏي. هيڪند، سياڳي، مالپڙا تيار ٿيا يا اَجا سڪائيندي رهندينءَ؟ ۽ ها، بہ چار پاپڙ بہ پچائي ونجانءِ.

هہ - (اندران) آئي آئي.(گوپي پاپڙ ۽ هيڪند مالپڙا کڻي ٿي اَچي).

ڇ - (مالپڙو پليٽ ۾ رکي ٿو) گوپي، ڀڳوان ڀلو ڪندءِ. پهرين سڀ وات منو ڪريو مالپڙو ڪائي. پوءِ پاپڙ ڪائي پيو ننڍک نار تاڏل. پوءِ وهون تا رميءَ تي.

ضيا - ۽ ماستر صاحب، مون واري ڳالهہ؟ (گوپيءَ ڏانهن نهاري) گوپي، تون گهر هل. مان بہ اَچان ٿو.

ڇ - سهڻا، فيصلو تنهنجي حق ۾ ٿيندو. دم جهل، پهرين مالپڙن تي تہ وارو ڪر. هيڪند، توکي گوپي پسند آهي؟

هہ - سني سڀاجهي آهي. سڄو گهر کڻي ويني آهي. ماءُ کي سَو سک ڏنا اَٿائين.

چ - توکي بہ سو سک ڏيندءِ. ويني کارائيندءِ. ٽنگن تي زور ڏيندءِ.

ھہ - چا؟

ضيا - پِنين تي مالش بہ کندءِ.

ھہ - پر چو؟

چ - پُنيءَ تي لتڙون ڏيندءِ؟

ھہ - پر پر....

ضيا - پر بر چڏ پاپي. ڦٽي ھٽي وارن مان جوُن بہ کڍندءِ.

ھہ - جوُن چو کڍندي منهنجن وارن مان؟ مون اوھانجو مطلب نہ سمجھيو.

چ - چو نہ سمجھيئہ مطلب؟ آخر جوءِ کنهنجي آھين؟ چڱو سل پرولي. کٿ اِنعام. ضيا مائٽي کٽي آيو آھي گوپ لاءِ

ھہ - گوپ....گوپي. پر اھڙي کھڙي تکڙ آھي؟ گوپ ايڏو وڏو تہ کونہ ٿيو آھي.

ضيا - پاپي، توکي پل تکڙ نہ ھجي. پٽ واري جو ٿينءَ. منهنجي نند ڦٽل آھي. نياٽي شينهن کلھي چڙھي تہ اون لھيم.

ھہ - پر....

چ - اَڙي، ھاڻ پر بر چڏ. لڳي ٿو توکي فکر آھي ڏيتي ليتيءَ جو.... سچ چوءِ.

ھہ - چا، مان ۽ ڏيتي ليتي؟ کوڙو ئي نٿو لڳي. مان ٻن ڏيانس.

ضيا - جيکا ڦلن مُٺ پُڇندي، نياٽيءَ کي ڏيندس.

چ - اڙي يار، شرمندو نہ کر. مونکي کوڏي بہ نہ کپي ڏيتي ليتيءَ ۾. سنو کڻ چا کافي نہ آھي. تون ۽ مان اڳ ئي بہ جسم ھک روح آھيون سُھٽا. ھاٽي سيڻ ٿياسين. ٺري پوندا نيڻ.

ضيا - پاپي، ها ڪر. پُڇُ ڪتنديئ.
ھہ - مون هنن جي مرضي ڪڏهن ٽاري آهي ڇا؟
چ - دل ۾ خوش، ٻاهران سيٺ ٿي رکين. مان توکي سجاڳان. ائڪٽرياٽي. چؤ ها...چؤ ها...ها...
ھہ - مونکي منظور آهي. مان اَندران مصري ڪٽي ٿي اَچان.
ضيا - جُڙي هونديئ جهان ۾. راڄ ڀاڳ ماڻينديئ.
ھہ - (هيڪند مصري ڪٽي اچي ٿي) ياءُ هڪ ڳالهہ پڇان؟ وارن مان جون تہ ڪيندي نہ؟ نياڳين مٿي ۾ باهہ ٻاري ڇڏي آهي.
ضيا - اڙي پاپي تون چنتا ئي نہ ڪر. ڏاجي ۾ ڦٽي بہ ڏيندوسانس. (سپ ڪلن ٿا)
ھہ - وٺو، وات منو ڪريو.
چ - رڳو وات منو ڪرائينديئ يا نچنديئ بہ؟
ھہ - اوهان لاڏو ڳايو، ڇو نہ نچنديس. ۽ نچائيندس بہ اوهان کي.
چ - ڳايو ڳايو لاڏا......

اَڄ منهنجي گهر شادي

ڳايو ڳايو لاڏا- پنيون مرادون
پنيون مرادون شل ٿين شاديون
وسن اوطاقون

1. **منهنجي لاڏل جي رمز نرالي**
رمز سان گڏ اٿس سمجهہ نرالي
نرالي جنهن جي آ چالي متوالي- نت نندي لاڪون.....

(اِسڪرپٽ صاحب بجاٽي)

تبصرو/کيمن يوُ. موُلاڻي

امر گايڪ ماستر چندر جي شاعري

ماستر چندر جو نالو ڪنهن نہ ٻڌو هوندو. سڄي سنسار ۾ رهندڙ هر سنڌيءَ جي دل ۾ ماستر چندر جو واسو آهي. چندر کي مون ڪئين ڀيرا ڳائيندي ٻڌو. هو بئراڳڙهہ ۾ ايندو رهندو هو، چاڪاڻ تہ بئراڳڙهہ ۾ سندس سنڌيو ۽ ناروشاهہ جا گهڻا ئي سؤٽ، يار دوست رهندا هئا. هاڻي تہ سڀ وڏا هن جهان مان هليا ويا آهن. باقي سندن اؤلاد هتي رهي ٿو. چندر جڏهن بہ ايندو هو تہ ڪيس پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ مڃايو ويندو هو ۽ هو خوشيءَ سان پروگرام پيش ڪندو هو. ڀلا پنهنجن کان ڪير ڪنڌ ڪڍائي سگهندو؟ بئراڳڙهہ ۾ تہ سڀ ساهتي پرڳڻي جا سنڌي رهندا هئا. هو گهڻن کي سڃاڻندو هو. پروگرام ٿيندو هو تہ نہ صرف بئراڳڙهہ پر آس پاس جي شهرن جا ماڻهو اچي ڪنا ٿيندا هئا.ڏاڍي ڀيڙ هوندي هئي.

چندر کي هرڪو سنڌي فقط گايڪ طور سڃاڻي. چندر گايڪ تہ هو ئي هو، پر هو شاعر بہ هو. پر شاعر طور گهڻو مشهور ڪونہ ٿي سگهيو. سندس شاعريءَ جي گهڻي چند چاڻ بہ ڪانہ ٿي، مان هتي سندس شاعريءَ تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪندس. پر پهرين سندس زندگيءَ جي باري ۾ ٿوري ڄاڻ ڏيڻ ضروري ٿو لڳي.

ماسٽر چندر جو جنم سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي نوشهري شهر ۾ ڊسمبر 1907ع تي زميندار گهراڻي ۾ سيٺ آسنداس جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو رامل ٻائي هو. چندر گهر جو سڪيلڌو پٽ هو. ان ڪري هو ناز سان پليو نپنو. سندس ننڍ ڏاڏي سيٺ ڏامينمل پنهنجن پٽن سان گڏجي هڪ وڏو باغ پنهنجي هٿن سان پوکيو هو ، جيڪو سندن آکھ پنيان ڏامواڻي باغ سڏبو هو. ڏامينمل جي پوٽي چيتنداس پهرين باغ سنڀاليو، مگر هُن پنهنجي حياتيءَ جو پويون حصو واپار ڪرڻ ۾ گذاريو. ان کان پوءِ چندر جي پتا ٻہ ڀاءُ ڪنگومل سان گڏجي ساڳي دڪانداري ۽ ڏنڌو واپار ڪيو. چندر سنڌي پڙهڻ بعد انگريزي اسڪول ۾ ويو، جتي ست انگريزي درجا پڙهي پورا ڪيائين. پڙهائيءَ وقت ڪيس ڪويتا، راڳ، چترڪلا ۽ ورزش جا شونق هئا. ۽ هر فن ۾ انعام حاصل ڪيا هئائين. وڏن جي اوچتي ديهانت سبب سندس تعليم بند ٿي. پوءِ سندس حياتيءَ ۾ ڦيرو آيو.

چندر گائن وديا جي شونق ۾ ڪجھ وقت پرديس ۾ گهميو. مگر اوچتي ويراڳ لڳڻ سبب هردوار ۽ بدريناٿ جي پهاڙن ۾ وڃي پهتو، جتي برهم گياني گرو گلراج اجوني ۽ ماتا پپرديويءَ جي صحبت حاصل ٿيس. ٻن سالن کان پوءِ عزيزن جي زور ڀرڻ تي واپس موٽيو ۽ منياڻيءَ لڳ سهڙا ڳوٺ مان، گلاب داسي ڪٽنب جي ميارام تلوڪچند تيجواڻيءَ جي نياڻي هيتي ٻائي(هيڪند ٻائي) سان شادي ڪيائين. ڪجھ وقت بعد نوابشاهه ويو، جتي ڏينهن جو بئريج ۾ نوڪري ڪري، رات جو گاين وديا اسڪول هلائڻ لڳو. اتي پنج سال رهي 1932ع ۾ ڪراچي وسايائين. اُتي ڏينهن جو سرڪاري

نوڪري ڪري شام جو رام باغ گاڏي ڪاتي ۾ ’چندر سنگيت وديالي‘ هلائڻ لڳو. 1933ع ۾ هز ماسٽرس وائس ڪمپنيءَ سان ائگريمينٽ ڪري رڪارڊ پريائين. 1934ع ۾ ممبئيءَ جي ’آل انڊيا مووي ٽون‘ فلم ڪمپنيءَ جي فلم ’موت ڪا طوفان‘ ۾ ڪم ڪيائين ۽ سمورو ميوزڪ به ڏنائين..1935ع ۾ فلم لائين ڇڏي وطن موٽي ڳائڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. هند ۾ به اهو ڌنڌو آخر تائين قائم رکيائين. ان ڀڳڙي امر ڳائڻي ۽ شاعر جو 3 نومبر 1984ع تي ممبئيءَ ۾ سرڳواس ٿيو. سندس وڇوڙي سان سنڌي سنگيت جي هڪ يگ جو انت ٿي ويو. پر هو امر آهي ۽ رهندو.

هاڻي اچو ته سندس شاعريءَ جي اوک ڊوک ڪيون. هونئن ته چندر گهڻن ئي موضوعن تي شاعري ڪئي آهي، پر سندس جوانيءَ جي دور واري شروعاتي شاعري حسن ۽ عشق طرف مائل رهي، جنهن جو سندس مشهوريءَ ۾ خاص يوگدان رهيو. شاعريءَ سنڌ جي نوجوانن کي ڏاڍو موهيو ۽ اُهي مٿانئس فدا هئا. چوندا آهن ته پريم پرماتما آهي ۽ عشق الله. عشق ۽ حسن چندر جي رڳ رڳ ۾ سمايل هئا. شايد ان ڪري پاڻ ئي چوي ٿو:

پلي منٿ ڪن پر ميجان مان نه ڪڏهين،
بنا عشق ڪُجھ پي قبوليان نه ڪڏهين.

مٿين بنهي سٽن جي وزن بحر ۾ ڪاڻ ڪانهي ۽ رديف ۽ قافيه به پختا آهن. چندر ۾ هڪ خاص خوبي هوندي هئي ته هو اتي جو اتي جهٽ پٽ ڪويتا رچي سگهندو هو.

عام طور چندر کي سندس ٻاپل گيتن جي آڌار تي عاشق مزاج ٻاپٽو سمجهيو ويندو آهي، پر ائين ڪونهي. هُن نہ رُڳو ڪئين موضوعن تي گيت لکي ڇڏيا، پر شاعريءَ جي ٻين ڪن صنفن جهڙوڪ نظم، ڪافي وغيره تي بہ قلم هلايو. هن ٿورا غزل بہ لکيا. سندس هڪ غزل جا ڪجھ بند پيش آهن:

حُسن سرڪار جي سامهون سوين آيا ويا سنجي
هزارين هار ڪائي ويا لکين لعلڻ ويا لٽجي
مٿا مسڪين مکرن ۾ ڏِنگن زلفن جي چکرن ۾
وٽيل وارن جي وڪڙن ۾ وڏا وريام ويا وڃي
انهن ابرن اشارن سان ڪمانن قهر وارين سان
ڪُهڻ وارين ڪٽارين سان ڪئين قابل ويا ڪٽجي.

هن غزل جي هر مصراع ۾ تجنيس خطيءَ جو استعمال ڪيل آهي جنهن سان غزل جي سونهن وڌي آهي. غزل ۾ رديف ڪونهي پر رديف جي ڪوت نٿي ڇپي. چاڪاڻ تہ بندش لاجواب آهي. اها بندش ئي غزل کي غزل بڻائيندي آهي. چندر جڏهن اهو غزل لکيو هو، اهو دور روايتي غزل جو هو. تڏهن حسن، محبوبا، زلف، ابرو، شراب، ساقي، جام جهڙا لفظ ئي غزل ۾ هوندا هئا. هاڻي غزل ۾ ڪوبہ لفظ ۽ موضوع اچي سگهي ٿو. سنڌي غزل ڀارت ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ اُهو ڏينهن ڏوڻي ۽ رات چوڻي ترقي ڪري رهيو آهي. ان ۾ زبردست بدلاءُ اچي ويو آهي. هونئن بہ بدلاءُ پرڪرتيءَ جو نيم آهي. اِهو تہ ٿيڻو ئي آهي. ڪير چاهي يا نہ چاهي.

اوائل ۾ گيت جي نالي تي سنڌيءَ ۾صرف پنهنجون نج ٿي صنفون وائي ڪافي، ڪلام ۽ ٻچن هيون. سنڌ ۾ٿورن ناميارن هندو شاعرن ڪي ڇڙي ٻيا سڀ هندو شاعر صرف ٻچن، ڏوهيڙا وغيره ڌارمڪ شاعري لکندا هئا ۽ مسلمان پنهنجون الڳ صنفون مولود، مرثيه وغيره لکندا هئا. گيت جي صنف سنڌي ٻوليءَ ۾گهڻو پوءِ اردوءَ مان آئي. اچو ته چندر جي گيتن تي نظر وجهون. شروع ۾ حسن ۽ عشق چندر جا موضوع رهيا. ڪي مثال:

سامهون نٿو نهارين شايد شرم ڪرين ٿو،
دل ۾ ته پيار اٿئي، آهون گرم ڀرين ٿو.

فقط ڪر عشق ۾ آهڙو اثر پيدا اڙي عاشق
حُسن خود تنهنجي قدمن ۾ اچي ڪرندو ڪرامت سان.

ڪيا هن حسن عشق تي گهيرا،عشق تي گهيرا،هڪ نه هزارين پيرا
1.لڳي حسن عشق جي جنگ آ- ٻڌندو وڃ
ڪيو حسن عشق کي تنگ آ- ٻڌندو وڃ
وڌو حسن عشق کي ونگ آ- ٻڌندو وڃ
چو ته حسن اڳيان اڙٻنگ آ- ٻڌندو وڃ
ته به عشق ڀڃائي پيرا، حسن جا پيرا. هڪ نه هزارين پيرا.

ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر
خبر هيءَ ڪٽي وڃ عقل جا اڪابر
1.حسينن جي ٽولي ۾ ڏسجانءِ ڦولي
مٺو يار ڳولي وٺي اوٺ اولي

مٺا ٻول ٻولي چئج ڇهنب ڪولي
لڳي ڇهنب چولي وڏءِ يار رولي
تون سنڌڙيءَ مان ڳولي ۽ ڳولج پشاور...ڪبوتر ڪبوتر

جڏهن چندر شاعري شروع ڪئي، تڏهن ڀارت غلام هو. ڀارت ۾ آزاديءَ لاءِ آندولن هلندڙ هو. سنڌ ۾ ان ۾ڀاڱري هئي. سنڌ جو هر نر ناري، ٻار ٻُڍو ۽ جوان آزادي آندولن ۾ ڀرو وٺي رهيو هو. اهڙي وقت شاعر ڪيئن ٽي ماٺ ڪري ويهي سگهيا. چندر به نوجوانن کي للڪاريندي لکيو:

-درد پنهنجي ديس جو دل ۾ جوانو ڏارجو

جن ڇڏيا پنهنجا لقب گهر ٻار هندستان ۾
جن گذاري عمر ساري قيد جي ايوان ۾
جن ڪٽايا شوق سان سر مشڪندي ميدان ۾
تن شهيدن سورمن وانگر مري ڏيکار جو.

-اُٿ اٿي پهرين ته پنهنجي تون تکي تلوار ڪر
هو ڪري هڪ وار توتي، تون مگر سؤ وار ڪر
جي ڌرم جي لاءِ توکي سر پوي ڏيڻو ڪٽي
مر ڀلي، پر سر اَول دُشمن جو ڌڙ کان ڌار ڪر.

-هندواسي هند ۾ ميلاپ جو ٻم ٺاهجو.
گڏ ٺهيل گوليءَ سان دشمن جي قلعي تي ڪاهجو.

چندر صوفي هو ۽ ويدانت جي متي کان به واقف هو. ان ڪري هن روحاني شاعري به ڪئي. ڏسو مثال:

-تون چيز چندر ڪا ٻي آهين،
تون پنهنجو پاڻ سُڃاڻ سڄڻ.
ڪٿ بلبل تي موهت ٿين ٿو، ڪٿ گل پاڻ ٻڻين ٿو،
خوشبوءِ ٻڻجي گل ۾ ويهي، گل جي سُڳنڌ وڌائين ٿو.
تون جت ڪٿ حاضر آهين.

پنهنجي خيال سان هت گهمڻ آيو آهيان
نرالا نظارا ڏسڻ آيو آهيان،
1.سڄو مُلڪ منهنجو، منهنجي آ وڏائي
منهنجي نور مان هيءَ آئي روشنائي
پنهنجي خود خُدائي پسڻ آيو آهيان...پنهنجي خيال سان...
2. متان ڪو چندر چوي چندر ذات اعلىٰ
لڪين روپ منهنجا لڪين آهن نالا
نرالا هي نالا رکڻ آيو آهيان ... پنهنجي خيال سان....

چندر ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻہ وڏا صدما پهتا. پهرين سندس 17 سالن جو پٽ ڪنعيو اوچتو گذاري ويو. اجا ٽي مهينا مس گذريا تہ سندس ٻيو 15 سالن جو پٽ منسڪ جيڪو گذاري ويو. چندر ڪنعيي جي لاش ڏانهن نهاري هيءُ ٻہ سٽون لکيون:

دل بهادر جي عجائب دل ڏٺم،
موت ۾ مُشڪڻ ٻئي شامل ڏٺم.

اُنهن ٻن دردناڪ صدمن کان پوءِ چندر جي دل تي زبردست اثر پيو. هن پنهنجي پٽن جي وڇوڙي ۾ جيڪا شاعري ڪئي، ان جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

جن ساڻ گڏ گذاريم سي پيي تہ گهر ڇڏي ويا
لاهوت کان هو آيا، لاهوت ڏي لڏي ويا.
اهڙي سنگت رکيائون، گڏجي هتان لڏيائون
جوڳي جوان سهڻا، هڪ ٻئي کي ڪئن سڏي ويا.

رکي ناتو نيايو ها، سنگت جلدي ڇنايو ڇو؟
متل ميڙو رتي هيءَ راند اڄ جوڳي ڦٽايو ڇو؟

جڏهن ياد پون ٿا جان جگر
دل ڪپجي ٿئي ٿي چار ٽڪر
1.جنهن وقت سڄڻ ٿا ياد پون
تنهن وقت اکين مان نار وهن
هي نيڻ رئڻ کان ڪين رهن،
پيا رودن ڪن راڙو هر هر

رُئان چو نہ سرتيون
اُداسي هليا ويا اُداسي بڻائي
1.خبر جي پوي ها، وڃن ٿا ويراڳي
ڪريان ها رهاڻيون، چندر تن ساڻ جاڳي
مون کان ڪين ٻلندا، مون کي ويا ٻلائي
رئان چونہ سرتيون....

اُن ڪان پوءِ چندر کي ويراڳ لڳي ويو ۽ هُن ڪُجهہ وقت ويراڳ ورتيءَ واري شاعري لکي. ڪجهہ بند ڏسو:

دل ئي نٿي لڳي هن ڪوڙي جهان ۾
ڪوڙو وکر رکيل آ ڪوڙي دڪان ۾
پرديسي پکيئڙا هل تہ هلون،
جتي ڪوئي نہ ڪنهن کي سُڃاڻي،
جتي ذات نہ ڪنهن جي ڪو ڄاڻي.
دنيا هي دم گذر آهي، گذاري دم هليو وڃبو
اَدا آخر اڳي يا پوءِ، ڇڏي عالم هليو وڃبو

آواز اِيندو نيٺ زمين آسمان مان،
هڪ ڏينهن هليو ويندو چندر هن جهان مان.

قسمت ڪئي جُدائي، ڪنهن تي ميار ناهي،
مون تي لکين مارون، هو بي ميار آهي.
1.جنهن لئہ رئي چندر ٿو سو پيي تہ رئندو هوندو
مون کي ٿي دل ٻڌائي، تہ هن کي بہ سار آهي.

چندر پيار جو پُتلو هو. سندس من ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ نفرت نہ هئي. هن رئلن لاءِ بہ ٻاڙو نہ ٻوليو.

رُئائي رهن پر هُجين حياتي، پلي پيا وڙهن پر هُجين حياتي.
1.جدا ٿي رهن توڙي گڏجي گذارن،رکن راضپو چاهي ڪاوڙ پيا ڪن
اچن نا اچن - پر هجين حياتي. رئائي ئي رهن پر هجين حياتي.

مُنهنجو آهي تو ۾هڪ ڪم ڏولڻ
ڪمُ ٻيو تہ ڪوئي ناهي، اڇي لاهہ منهنجو رُڳو غم ڏولڻ
-سنڌڙيءَ ۾ سهڻا هڪوار اچجانءِ،
چئي چا ٻُڌايان، چندر ساڻ ملجانءِ، ملي يار ڪلجانءِ.

ڌرم ۽ مذهب جي آڌار تي ٿيل ڀارت جي ورهاڱي جو اثر سڀ کان وڌيڪ سنڌين تي پيو. پنجابين کي اوڀر پنجاب مليو ۽ بنگالين لاءِ تہ اولهہ بنگال اڳئي ٺهيل هو. هڪڙي سنڌ هئي جيڪا سڄي جي سڄي پاڪستان کي ڏني ويئي. حالانڪ ڏکڻ سنڌ ۾ هندن جي آبادي وڌيڪ هئي، انصاف جو تقاضو هو تہ سنڌ جو بہ ورهاڱو ڪري ڏکڻ سنڌ هندن کي ڏني وڃي ها، پر ائين ڪونہ ٿيو. لاچار سنڌي ڀارت ۾ اچي چوطرف پکڙجي ويا. اُن وقت سنڌين جي حالت ڏاڍي خراب هئي. اُن وقت هر سنڌي شاعر هيٺئي حالت کي پنهنجي قلم جي نوڪ تي آندو. ڀلا ماسٽر چندر ڪيئن ٿي چپ رهي سگهيو. هن هيءُ گيت لکي سنڌين جي زخمن تي ملم مـَڪيو. اهو گيت ڏاڍو مشهور ٿيو ۽ اڄ بہ هر سنڌيءَ جي زبان تي هوندو آهي. ان گيت ۾ پرڀوءَ کي عرض ڪيل آهي تہ مالڪ تون ئي اسان جا درد ڪٽ. توکان سواءِ اسان جو هتي ڪو سهارو ڪونهي. :

مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين،
هر هنڌ هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندين.

1. سنڌ جو اڳوڻو شان عجب هو، راحت هئي جڻ راضي رب هو،
رهندو هندو ۽ مومن گڏ هو،هڪٻئي کي ڏيندو سڏ ۾ سڏ هو مالڪ تون...
2.ناز جا پاليل سنڌي نماڻا، ديس ڇڏي پرديس وڪاڻا،

ساڌن صوفين چڙيا ٽڪاٽا،گهرڙا ڇڏي اچ گهمن ويڳاٽا...مالڪ تون...
3.چندر عمر شل وطن ۾ گذري، وطن کان شل دشمن به نه وڇڙي،
جو دم نبري وطن ۾ نبري، دم نڪري ته به وطن ۾ نڪري...مالڪ تون...

”هر فن ۾ آهن، سي هوشيار سنڌي.
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.“

توهان اهو گيت ماسٽر چندر جي آواز ۾ ضرور ٻڌو هوندو. انهيءَ گيت ۾ چندر سنڌين جي دل وندي سنڌ جي اعلىٰ هستين جهڙوڪ شهيدن، سنتن، نيتائن، سماج سيوڪن، اديبن، فلمي ائڪٽرن، ڏنگ واپارين، شاعرن، گايڪ ڪلاڪارن، سازيندڙن، وڏن عهدن تي پهتل سنڌين، ٻئنڪرن کان پوءِ ننڍا ننڍا ڪم ڪندڙ سنڌين جا ڪم ڪاريون ڳڻائيندي اُنهن جي گڻن جي به ساراهه ڪئي آهي. اهو تمام وڏو گيت آهي. ان ۾ 114 سٽون آهن. ان ڪري هتي پيش ڪرڻ ممڪن ڪونهي. اهو رڪارڊ ٿيل آهي. هن انٽرنيٽ جي زماني ۾ توهان ٿوري به ڪوشش ڪري اهو گيت ٻڌي سگهو ٿا.

نصيحتون اڪثر گهر جا وڏڙا، ٻاوا، ٻانيڻ، ساڌو، سنت وغيره ڏيندا رهندا آهن. هاڻي ته ننڍا به ٿا ڏين. ماسٽر چندر به نصيحتون ڏيندڙ شاعري جهجهي انداز ۾ ڪئي آهي. ڪجهه مثال ڏسي خود امين ٿيو.

حسن وارن جي نيڻن ۾ نهاريندين، مري ويندين
اڙائي پاڻ پيجري ۾ پڪاريندين، مري ويندين.
لڳئه جي تير سُهڻن جا سٽي وجهندءِ ڦٽي وجهندءِ
زخم ٿيندءِ، پٽيون ٻڌندءِ، سنڀاريندين مري ويندين.

چڱا چار چون تن جي ڳالهہ مڃڻ
دل جي ڳالهہ سچي جوءِ سان نہ ڪرڻ
مُڪي راج اڳيان سچ ڳالهائڻ

ڪنهن ۾ عيب ڏسڻ تنهن کي ترت ڊيڪڻ
اهي پنج ئي وچن جي تون پاڙيندين
پڪ آهي ’چندر‘ خوش گهاريندين

اعتبار نا ڪجي، اعتبار نا ڪجي.
هڪڙو اغيار تي، دنيا دنيادار تي،
گُسندڙ وار تي، عمر ۽ ڄمار تي،
نخريلي نار تي، ۽ حرامي ٻار تي،
دُشمن جي پيار تي، چيني سرڪار تي،
اعتبار نا ڪجي، اعتبار نا ڪجي.

چندر هڪ گيت ۾ ساهتيءَ جي سنتن جا نالا ٻڌائيندي اُنهن جي گڻن جي واکاڻ ڪئي آهي تہ وري ٻئي گيت ۾ سنڌڙيءَ جي سنتن جا نالا ڳڻائيندي انهن جي اعلىٰ ڪردار جي ساراهہ ڪئي آهي. ان کان سواءِ چندر سياسي نيتائن، وڏن سنڌي سنتن مهاتمائن ۽ درٻارين وغيرهہ جي ساراهہ جا گيت بہ لکيا آهن، گيت وڏا آهن، جيڪي هتي محدود جڳهہ هئڻ سبب پيش ڪرڻ ممڪن ڪونهن.

لاڏا لوڪَ سنسڪرتيءَ جو حصو ٿيندا آهن، جيڪي خوشيءَ جي موقعن تي ڳايا ويندا آهن. ڪرشن راهي ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي شاعرن لاڏا لکيا آهن. ماستر چندر بہ ڪجهہ

لاڏا لکيا. جنس طور سندس لکيل هڪ لاڏو ڏسو. لفظن کي پڙهي توهان جو من پاڻمرادو نچڻ لڳندو ۽ پير بہ نچڻ لاءِ مٿي کڄڻ لڳندا.

ڳايو ڳايو لاڏا پُنيون مُرادون،
پُنيون مُرادون شل ٿين شاديون، وسن اوطاقون.
1.چندر چاھ مان جُهمريون پايو،
هڪ هٿ چيلھ تي ٻيو لهرايو،
هڪ پريل هڪ خالي وڄي تالي،
گهوريو سون چانديون... ڳايو ڳايو لاڏا پنيون مرادون،

چندر اهڙي نوع ۾ ٻيا بہ گهڻائي گيت لکيا. اِهي گيت اهڙا تہ مشهور ٿيا جو اڄ بہ ڪٿي بہ اِهي ڪنن تي پوندي ئي ڪيترن جا پير ٻيهي ويندا آهن.گيت گهڻا آهن، پر ڪُجھ گيت ڏيڻ ڪان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان.

واھ واھ ڙي گهڙا، وڄ وڄ ڙي گهڙا،
گهڙا او گهايل ، مٿيءَ جا ٺاهيل، سُر ٿا وڄن تو ۾ سارا،
توکي وڄائن، پيار سان ڳائن، عاشق محب موچارا
ساڻ ڪري يڪتارا، واھ ڙي گهڙا تنهنجا ڀاڳ ڀلارا.

سج اڀر نہ تون شل رات هجي، منهنجي محبن سان ملاقات هجي.
هڪ رات هجي، ٻي ايڪانت هجي، ٽيون سڄڻ سٻاجهو ساٿ هجي،
چوٿون برھ جي چيڙيل بات هجي،پنجون پيار واري لنو لات هجي،

توهان کي عجب ضرور لڳندو تہ چندر مذاحيہ شاعري بہ ڪئي. اڄ اهڙي شاعريءَ جي ڪوت نہ پر اڻاٺ آهي. اڄ جي

شاعرن کي ان طرف ڌيان ڏيئي ساهتيہ کي مالامال ڪرڻ گهرجي. پڙهو چندر جا اهڙا گيت:

دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان پر ڪو ونڻ وارو هُجي
1.سو وکر دل جو رکي، بازار ۾ لاتم پـڙي،
هُل ڪري هوڪا ڏنم، واڪا ڪري ڦاڙي نڙي،
هي ٻڌي هوڪو حسينن، جي اَچي ٽولي مِـڙي،
۽ پڇيائون چا ٿو وڪڻين، جوش مان هر هڪ چڙي،
مون چيو سودو آ سادو، دل جهلڻ وارو هجي،

ڪهڙي مان يار جي تعريف ڪيان
اُنهيءَ جي ياد ۾ آهون ٿو پريان
1.گگن سان گڏ ڪري گفتار عجب
ڪُڪڙ منديءَ مثل رفتار عجب
مثل سئلڦي آهي نڪ نازنين جو
اکيون دوڏا وڏا رنگ، دوربين جو
چوي ٿو راڳ چڻ دلبر رڙي ٿو
ڪري ٿو هير چڻ ڪو خر رڙي ٿو
اهڙو معشوق چندر ڪنهن کي ملي
هجي نصيب جنهن جو ڀاڳ کلي.

چندر سنڌي لوڪ ڪٿائن جي نايڪائن جهڙوڪ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، هير رانجهو، مومل راڻو، ليلا مجنون، نوري ڄام تماچي، عمر مارئي وغيرهہ جي باري ۾ بہ

گيت لکيا. هتي فقط مارئي ۽ مومل جي هڪ هڪ گيت جا ڪي ٽڪرا مثال طور پانڪن جي ڄاڻ لاءِ ڏجن ٿا. ڏسو:

مُنهنجا ماروئڙا پنهنجي مُلڪ وسن،
اکيون روز اُنهن لاءِ رت ٿيون روئن.
1.ڏاڍي طلب تنين جي تات اٿم،
نت وائي اباڻن جي وات اٿم،
نيٽين ننڊ نہ ڪا ڏينهن رات اٿم،
ڏاڍي جوش منجهان ٿا جيرا جلن
منهنجا ماروئڙا پنهنجي ملڪ وسن....منهنجا ماروئڙا...

راڻا وچ نہ اُتي جتي راڻوڙيون رهن
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ ڪِليو ڪِليو خون ڪن
جتي ڪونڌر پيا ڪسن

1.اُتي حسن جو آ هٽل ٻيو جادوءَ جو محل
ڏئي ڦوڪ پڙهي ڦيٽا ڳم ڪن ٿيون عقل
ٻڌي ڏاڳا ڏوُتيون ماڻهن کي گهٽو ڪن... جتي ڪونڌر پيا ڪسن...

چندر سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ هندي ٻوليءَ ۾ بہ ڪي ٿورا گيت لکيا. سندس هڪ گيت جون صرف بہ سٽون جنس طور توهان جي ڄاڻ لاءِ پيش ڪجن ٿيون.

مئن ماٽي ڪا، تو ماٽي ڪا، ماٽي ڪا جگ سارا
ماٽي ڪا وهنوار بنا اؤر ماٽي ڪا پروارا

چندر هندو ديوي ديوتائن جهڙوڪ شنڪر ڀڳوان، شري رامچندر، شري ڪرشن، جهوليلعل ۽ ٻين ديوتائن جا گيت بہ لکيا. هتي جهولي لعل جي هڪ گيت جون ڪجهہ سٽون مثال طور پيش ڪجن ٿيون، ڏسو:

جهولي لعل جهولي لعل جهولي لعل جهولي لعل

1.هندو ڌرم جي ڪر رکواري

خاص سنڌين سان ڪر سرداري هيٺو ڏسي تن جو حال... جهولي لعل

2. ساري سنگت جون آسون پڄائين چندر بہ در جو گولو سائين

تون ئي ڪنديم نهال ...جهولي لعل

آخر ۾ مان صرف ايترو چوندس تہ چندر ڪي شاعريءَ جي ڏات مليل هئي. جنهن شاعر ڪي خدائي ڏات مليل هجي، ان ڪي شاعريءَ جي فن جي ڄاڻ بہ ضرور حاصل ڪرڻ گُهرجي. ڇاڪاڻ تہ شاعري لطيف-فن (فائين آرٽ) آهي. هيل تائين شاعريءَ جي ڪا بي عيب مڪمل پريڀاشا مقرر ڪون ٿي سگهي آهي. ان نسبت آد جڳاد ڪان ودوانن پنهنجا ويچار ظاهر پئي ڪيا آهن. انهن شاعريءَ ڪي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. هڪ داخلي يعني (سبجيڪٽو) ۽ ٻي خارجي يعني (آبجيڪٽو).

داخلي شاعري ڪنهن ٻرندڙ جبل جو فوٽو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ مثل هوندي آهي. مطلب تہ ان قسم جي شاعري پنهنجي آس پاس جي زندگيءَ جي سچاين ۽ سچن ڪي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جو وسيلو هوندي آهي. ان ۾ تخليقي ٻولي، نئين نظر، نئين سوچ ۽ وقت جي حالتن جو اولڙو هجڻ لازمي آهي. اهڙي شاعريءَ ۾ اختصار، صنعتن جو

استعمال، نوان اِشارا، نيون علامتون، نوان احساس ۽ نئون ذهني رويو هوندو آهي. پر اشارا ڪنهن بہ صورت ۾ پروليون نہ لڳن، ان ڳالهہ جو خاص ڌيان رکڻو پوندو آهي. ٻي شاعري اها هوندي آهي جنهن ۾ بيان بازي، عشق حسن جا ڍهرايل خيال، ڌرمي ۽ اخلاقي نقطا ۽ ورجايل هدايتون ۽ نصيحتون وغيرهہ هونديون آهن. اهڙي شاعريءَ کي خارجي شاعري چيو ويو آهي. سڄاڻ پانڪ پاڻ فيصلو ڪن تہ ماسٽر چندر جي شاعري انهن ٻنهي قسمن مان ڪهڙي قسم جي شاعري آهي. هونئن تہ ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جو آخرين فيصلو وقت پاڻ ئي ڪندو آهي تہ اها ڪيتري پائدار يا جٽاءُدار آهي.

A-New, 14/134,
Bairagarh,
BHOPAL- 462030
Mob: 07987036540

مُبارڪون

شري هوندراج بلواڻيءَ کي سندس ڪهاڻين جي مجموعي 'پُرزو' 2018 تي سال 2024 لاءِ مرڪزي ساهتيہ اَڪاڊميءَ جو اِنعام عطا ٿيڻ تي.

-سنڌالاجي پريوار



سمرتيون/ پوپٽي هيراننداڻي

چندر جو گلو نہ هو، ڇڻ هڪ تنبورو هو. هن جي آواز ۾ سنڌ جي واريءَ جي هوُڪ هئي، اُن رڻ پٽ جي وارياسي آواز ۾ سنڌي ديهاتيءَ جي دل جي ڪيفيت نهايت سهڻي نموني بيان ڪيل آهي. سنڌ ۾ جتي بہ چندر جو رڪارڊ وڄندو هو اُتي ماڻهن جون ٽوليون فوني جي چوگرد ويهي، ٻيهي ويٺديون هيون. زالون بہ رئي جي ڪنڌ ڏندن جي وچ ۾ وجهي شيخن جي دريءَ يا در مان ٻيهي چندر جا راڳ ٻڌنديون هيون. چندر جو آواز ۽ محبتي راڳ! ڄڻ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ جڙيل هئا!

جنهن وقت ٿو نهارين
سهڻا اکيون ڪڻين ٿو
دل کي گهڻو وڻين ٿو!

دل تہ چاهي ٿي سدا دلبر سان گڏجي مان گهُمان
پر ڇا ڪريان منٺار سان گڏجي گهمڻ جي آ منع.

مان ٿو چوان مران ٿو - هو ٿو چوي پلي مر
کهڙو نہ محب منهنجو حاضر جواب آهي!

چندر جو راڳ نيس پر سليس سنڌيءَ ۾ آهي. ان راڳ ۾ ڪن رنگين ۽ مٺڙ گهڙين جو چٽر آهي، انهن مٺڙ گهڙين ۾ سنڌي ڳوناٽن جي دل قيد ٿيل آهي، اهي دليون زنانيون توڙي مردانيون ٻئي آهن، اهي زالون ۽ مرد جوانيءَ جي ڏاڪي تي بيٺل آهن ۽ اِها جواني ڪل چرچي ۽ مذاق جي ڪوڏي آهي.

مهيش چندر

مڪمل فنڪار اُن کي چئجي جو صرف گايڪ نہ پر پاڻ ئي شاعر، پاڻ ئي گايڪ، پاڻ ئي سنگيتڪار ۽ سڀ ڪان وڌيڪ تہ جنهن ادا سان هوُ هزارن جي انبوهہ سان ائين هم ڪلام ٿئي، جو ٻڌندڙ پاڻ ڀُلائي هن جي راڳ اندر گم ٿيو وڃن، ساڳي ڳالهہ ماسٽر چندر جي رڪارڊن ۾ پڻ ملي ٿي، جو ٻڌندڙ پنهنجي ڪرت ڪار ۽ وجود وڃائي هن جي سنگت ۾ محو ٿيو وڃن ٿا. هڪ اهم ڳالهہ تہ هوُ مڪمل فنڪار ان ڪري چئبو، جو ٻئي ڪنهن بہ اڪيلي گايڪ کي مالڪ اُهي سڀ خوبيون گهٽي قدر ڪونہ بخشيون آهن. هڪ تہ هوُ آواز جو اهڙو جادوگر هئو جو سندس آواز رڪارڊنگ جي تمام ڪسوٽين تي هر طرح Treble,Melody,Base سان ٺوڙي Range جو ڀرپور سنگم هو. اهم ڳالهہ تہ سنگيت وديا لاءِ هنن جي ڪيل تپسيا، توڙي هُن جي قلم جو ڏانءُ اهڙو انفرادي، عام فهم ۽ رس ڀريو آهي جو هرطبقي جي دلين کي جڻ ڏوڏائي ڇڏي ۽ سندس هڪ هڪ سٽ کي عوام پنهنجي روزانہ جيون ۾ پاڻ محسوس ڪندي استعمال ڪري. جيئن ڪلام آهي ’هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ، منهن هيڏي ڪري‘، ’سُهڻا جي منهن مٽيندين تنهن مان تون ڇا وٺيندين‘، ’رس نہ رُسڻ ۾ چاهي راڻا‘، ’دلدار نہ ڏي دڙڪا‘، ’رنائي رهن پر هُجين حياتي‘ ويندي هيترن سالن ڪانپوءِ اڄ بہ ساڳي تازگيءَ سان گهر گهر ۾ ڳايو وڃي ٿو.



گوبند مالهي

ماسٽر چندر جي ڳائڻ جي خصوصيت اِها رهي جو هو روبرو ڳائي يا رڪارڊ ۾ ڳائي ٻڌندڙ سمجهندو هو تہ ماسٽر خاص هن لاءِ ئي ڳائي. هن جي مُرڪ موهيندڙ هئي تہ هنجي گائڪيءَ جو انداز بہ انوکو، پنهنجو مٽ پاڻ هو. ماسٽر چندر سنڌ ۾ هر ميلي جو مور هوندو هو ۽ هر ورسيءَ جو مکيہ گائڪ رهيو. مونکي هن سان گڏ الاهي ڀيرا هالاڻي دربار، وسڻ شاهہ ۽ جُمڻ شاهہ (پٽ عيدن) جي ميلن ۾ وڃڻ جا موقعا مليا. وايو منڊل ۾ بهار اچي ويندي هئي، هنکي ڏسڻ سان مکڙا کلي اُٿندا هئا ۽ ڳائڻ سان هڪ قسم جو عطر اوتجي ويندو هو.

ماهتاب محبوب

دادا چندر جي ڳايل بيشمار گيتن کي جيڪر ٻن حصن ۾ وراهجي تہ شروعاتي گيت، جيڪي سنہ 1946 تائين ڳايا اُٿس ۽ ان کانپوءِ وارن گيتن ۾ نمايان فرق نظر ايندو پهرين گيتن ۾ رومانيت آهي جڏهن تہ پوئين ۾ بي اِنتها ڏک.... اِهو ڏک وطن جي وڇوڙي سان گڏ ٻن جوان پٽن جي جدائي جو بہ هو جيڪو آخري دم دادا جي جيءَ کي جهوريندو ۽ هڏ ماس کوريندو رهيو.... هن پوءِ کو اَهڙو گيت نہ ڳايو جنهن ۾ وطن جي سار سان گڏ، لڏي آيلن کي همٿائيندي، پنهنجي دل جي اِنتهائي درديلن جذبن جو اِظهار نہ کيو هجي. ڪن گيتن ۾ هن ٻنهي

فرزندن ڪنئي ۽ منسڪ جو نالو ڪٽي سندن بي وقتي وڇوڙي تي اَرمان ظاهر ڪيو آهي. ڪتي نالو نہ بہ ڪنيو اَٿس تہ بہ گهري نظر وارا سندس اندر جي اونهاين ۾ اهڙن دردن کي جاچيو ۽ پرکيو وٺن. پنهنجي درديلي ڪيفيتن جو اِظهار ڪندي هڪ هنڌ چيو اٿس،

’رکي ناتو نياپو ها، سنگت جلدي ڇنايو ڇو؟
متل ميڙو رتل هيءَ راند اڄ جوڳي ڦٽايو ڇو؟
نہ رهڻو هوءِ بيراڳي تہ هت بنگلا بڻايو ڇو؟
ڇڏي هيءَ جوءِ جوڳيئڙا، جدا جايون اڏايو ڇو؟

جڏهن کان دادا سر ۽ ساز جي دُنيا ۾ پنهنجو مبارڪ قدم رکيو آهي، تڏهن کان ئي هو هر دور ۾ عظيم ۽ مقبول گائڪ ليکيو وڃي ٿو. اِهو اعزاز گهٽ فنڪارن کي حاصل آهي. نہ تہ سنگيت ڪلا اهو ساگر آهي جنهن جي پاتال ۾ ايترا تہ ماڻڪ موتي ۽ لعل پريل آهن، جن جو ڪو انت ئي ناهي. دادا چندر اُنهن مان هڪ آهي جنهن کي فن جي دنيا ۾ پنهنجي منفرد حيثيت ۽ نمايان مرتبو حاصل آهي. اسانجي خوش قسمتي آهي تہ اِهو ڪوهنور سنڌ جي حصي ۾ آيو، جنهنجي غير فاني ڪلا سنڌ جي سينڌ ۾ سنڌر جيان چمڪندي رهي آهي. هن جا گيت سنگيت، سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سُتيءَ جيان سمايل آهن.

ورهيہ لنگهي ويا آهن پر دادا چندر جي آواز ۾ جيڪا دلڪشي، حُسن، جاذبيت ۽ جواني آهي سا دلين کي متاثر ڪرڻ ڪانسواءِ نٿي رهي.

سندس اَمر گيت، جتي ٻڌندڙ کي گهايل ڪيو ڇڏين، اُتي گهايلن تي مرهم جو ڪم پڻ ڪري ڏيکارين ڪڏهن تہ وري نئين نئين چڪن کاڻ سمورا ڦٽ اُکيڙيو رکن.

شرڌانجلي

سنڌي ٻوليءَ جي برک اَديب،چترڪار شري واشديو سنڌو پارتي جو

جنم : 1938-11-9 تي حيدرآباد (سنڌ) ۾ ٿيو.

ديهانت: 2024-10-31 تي جئپور ۾ ٿيو.

اَسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

- سنڌالاجي پريوار

شرڌانجلي

سنڌي ٻوليءَ جي برک اَديب، پترڪار شري گوبندرام مايا جو

جنم : 1954-4-17 جئپور ۾ ٿيو.

ديهانت: 2024-11-9 تي جئپور ۾ ٿيو.

اَسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

- سنڌالاجي پريوار

شرڌانجلي

سنڌي ٻوليءَ جي برک اَديب شري چيتو ٽڏومل گيانچنداڻي ’ساجن‘ جو

جنم : 1946-6-20 تي ناروشاهه (ضلع) نواب شاهه (سنڌ) ۾ ٿيو.

ديهانت: 2024-12-28 تي آديپور ۾ ٿيو.

اَسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

- سنڌالاجي پريوار

शइर /मास्टर चंदुर

सिक ऐं संगति जो सजणु सगो,
कडहिं मां थो छिकियां कडहिं हू थो छिके
करियूं लिक छिप गडजी रांदि बई,
कडहिं मां थो लिकां कडहिं हू थो लिके
ग़मु दर्दु जुदाईअ जो जे अचे,
कडहिं मां थो सिकां कडहिं हू थो सिके
उहा राति विसाल जी हिक बिए वटि,
कडहिं मां थो टिकां कडहिं हू थो टिके
सची मुहबत जो आहे गाडो चंदुर,
कडहिं मां थो धिकियां, कडहिं हू थो धिके ।

हिन मुहबत जे मैदान अंदरि,
कडहिं मां थो रुसां कडहिं हू थो रुसे
वहे आबु अखियुनि मां नार करे,
कडहिं मां थो पुसां कडहिं हू थो पुसे
सची मुहबत जूं हिनि कातियूं चंदुर,
कडहिं मां थो कुसां कडहिं हू थो कुसे ।



मरण खां मां छुटलु आहियां /मास्टर चंदुर

शइरः

मां दुनिया खे सुञाणां थो, मां दुनिया जो ड॒िठलु आहियां
न दुनिया ई लिकल आहे, न दुनिया खां लिकलु आहियां
चवनि था वियो चंदुर कुसिजी, बराबरि मां कुठलु आहियां
मुअल आहियां मुहबत में, अग॒ेई मां मुअलु आहियां
मुए खे केरु मारींदो, मां जीअरनि खां टुटलु आहियां
जीअण वारा पिया मरंदा, मरण खां मां छुटलु आहियां।

रुठा ई रहनि, हुजेनि शल हयाती /मास्टर चंदुर

रुठाई रहनि पर हुजेनि शल हयाती
भले पिया विढ़नि पर हुजेनि शल हयाती

१. जुदा थी रहनि तोड़े गड॒िजी गुज़ारिनि
रखनि राज़पो या त कावड़ि पिया कनि
अचनि ना अचनि - पर हुजेनि शल हयाती ।

२. छड॒ियां छो न होतनि तां जिंदड़ी बि घोरे
घुरनि मासु मूंखां ड॒ियां हूंदि कोरे
कुही पिया कुहनि - पर हुजेनि शल हयाती ।

३. दुखी शल रहां मां, हू ख़ुशु थी गुज़ारनि
परे खां ड॒िसां मन, भले ना निहारनि
धिकारे छड॒िनि - पर हुजेनि शल हयाती ।

४. मां बेचैनु आहियां, हू भलि चैनु पाइनि
हुजनि शल सलामति, चंदुर ना निभाइनि
ठहनि या डहनि - पर हुजेनि शल हयाती ।

तो में आहे मुंहिजो /मास्टर चंदुर

१. तो में आहे मुंहिंजो हिकु कमु ढोलण,
कमु बियो त को ई नाहे, अची लाहि मुंहिंजो
रुगो ग़मु ढोलणु ।

२. जंहिं गाल्हि ते तो कयो नाज़ु आहे,
मां बि समुझां थो उन्हीअ में रखियलु हिकु
वडो राज़ु आहे ।

३. मज़ो नाहे मन में दिलि जे चमन में,
सदिके वञांइ सुहिणा हिकु भेरो हली आउ
मुंहिंजे वतन में ।

४. गंढींदें न छिनंदुसि पियो नांउ गिन्हंदुसि,
छिनण में रखियो छाहे, छिनंदे जे नातो त बि
मां न छिनंदुसि ।

५. सिंधुड़ीअ में सुहिणा हिकवारि अचिजांइ,
चई छा बुधायां, चंदुर साणु मिलिजांइ, मिली
यार खिलजांइ ।

रूह रिहाण /मास्टर चंदुर

हज़ार शुकुर जो आया परे खां पेर भरे,
ग़रीब ख़ाने में आया असां ते कुर्बु करे

१. असां अव्हांजो अहिदनामो आ थियलु अहिड़ो,
असां जी भी न सरे ऐं अव्हांजी भी न सरे ।

२. आहे जो कीन असुलु कीन मां थिए सभिकी,
निगाह लुतुफ़ जी अलाह जी बशर ते किरे ।

३. सदाईं यादि रहो ऐं रहो सदा आबाद,
असां सां गडि जी रहो या रहो असां खां परे ।

४. वञणु जे चाहियो वञो पर दुआ कंदा वञिजो,
दुआ करण सां ई असां जो थो भागु वरे ।

५. इहो ई अर्जु थो भगवान खे करियां चंदुर,
असां जे देस में संगीत जी का जोति बरे ।

बरसाति जूं रातियूं हुजनि /परसराम 'ज़िया'

थल्हु : तूं हुजीं ऐं मां हुजां,
बरसाति जूं रातियूं हुजनि।

१. मइ हुजे ऐं मां हुजां, तूं हुजीं ग॒ावु हुजे
कू कू कोइल जी हुजे,
बुलबुल संदियूं बातियूं हुजनि।

२. तुंहिंजे अखियुनि जे इशारे सां शल कुसिजी वञां,
तुंहिंजे नेणनि में समायलु कुर्ब जूं कातियूं हुजनि।

३. तूं मुंहिंजे सामुहूं हुजीं,
ऐं मां तुंहिंजे सामुहूं हुजां,
ख़ासि तुंहिंजूं मुंहिंजूं
वण हेठां मुलाक़ातूं हुजनि।

४. मां तो लाइ मांदो रहां,
ऐं तूं मूं लाइ मांदो रहीं,
हिक बि॒ए जे लाइ ज़िया,
दिलियूं ब॒ई आतियूं हुजनि।

हलिया वेंदासीं /परसराम ‘ज़िया’

शइर : असीं आयासीं सो आयासीं,
वरी न तुंहिंजे दर ते अचिणो आ,
जे तुंहिंजीअ यादि सतायो खणी,
तोखे ख़्यालनि में ई ॾिसिणो आ।
असीं पंहिंजी दिलि खे झलींदासीं,
असीं पंहिंजो पाणु पलींदासीं,
पंहिंजो पाण सां सूर सलींदासीं,
उहो सूरु न तो सां सलिणो आ।
तुंहिंजे दर ते अचूं, तूं अचणु न ॾीं,
तोखे ॾिसणु घुरूं तूं ॾिसणु न ॾीं,
मूंखे कंहिं नमूने कुछणु न ॾीं,
हाणे मुंहं सां कुछु भी न कुछुणो आ

थल्हुः न कबो बहिसु, न तकिरारु, हलिया वेंदासीं,
नेठि लाचारि थी, लाचारि हलिया वेंदासीं।

१. था वफ़ा तोखां घुरूं, पंहिंजी वफ़ा जे बदिले,
जेकॾहिं तूं कंदें इनकारु, हलिया वेंदासीं।

२. तुंहिंजी मरज़ीअ ते छॾियलु आहे रहूं या न रहूं,
जे असां खां थिएं बेज़ारु, त हलिया वेंदासीं।

३. पाण ॾाढनि ते ज़िया, कहिड़ी असांजी हलंदी,
बंदि पंहिंजी करे गुफ़्तार, हलिया वेंदासीं।

दिलि असां ॿिन्ही जी हिक आ! /परसराम 'ज़िया'

दिलि हुन जी मुंहिंजी हिक आ,
ॾाढी असां ॿिन्ही खे सिक आ। दिलि...

१. मां हुन खे वणां, हू मूं खे वणे,
अहिड़ो नातो सभ सां शाल बणे,
मूं त पीतो प्रेम जो प्यालो,
जंहिं कयो मूंखे मतिवालो,
आहे इश्क़ जो रंगु निरालो,
मूं त पीती प्रेम जी पिक आ। दिलि....

२. शल रस्तो अहिड़ो हलंदो रहे,
मुंहिंजो दिलबरु मूंसां मिलंदो रहे,
मुंहिंजूं गुज़िरनि तंहिं सां रातियूं,
करियूं लिकी लिकी पिया बातियूं,
जीअं ठरनि ॿिन्ही जूं छातियूं,
छो त ॿिन्ही धुरियुनि खे छिक आ । दिलि....

३. ज़िया पाण में गॾिजी रहंदासीं,
असीं ठाहु करे ॿई ठहंदासीं,
कीन प्यारु असां जो घटिबो,
ऐं हिक ॿिए खां कीन हटिबो,
मुंहुं कीन ॿिन्हीं जो मटिबो,
इहा ॻाल्हि मुंहिंजी हिक टिक आ। दिलि.....

पंहिंजे अखियुनि खे झलि तूं /परसराम 'ज़िया'

सुहिणा पंहिंजे अखियुनि खे झलि तूं,
इहे तीर न पलि पलि हणु तूं, इहे तीर ....

१. करीं कोशिश छो थो घाइण जी,
चङी नाहे रीति सताइण जी,
छो मुअलनि खे थो मारीं,
वरी क़ियासु न दिलि में धारीं,
छो थो हर हर एडो रुआरीं
जेका ग़ाल्हि हुजे सा सलि तूं,
सुहिणा पंहिंजे अखियुनि खे झलि तूं....

२. इहे कारा वार लिकाइ मिठा,
कीन वासींगनि खां डंगाइ मिठा,
इहो डंगु सही कीन सघिबो,
दुनिया में रही कीन सघिबो,
नांगनि खां बची कीन सघिबे,
हुजत न हाणे हलु तूं
सुहिणा पंहिंजे अखियुनि खे झलि तूं...

३. दिलि नाज़नि सां हीअ पाली अथमि,
डाढनि सूरनि सां संभाली अथमि,
आहे दिलि जी तोखे पारत,
हीअ आहे पर मुंहिंजी अमानत,
विझु तंहिं में कीन ख़यानत,
छडि हाणे ज़िया वलु छलु तूं
सुहिणा पंहिंजे अखियुनि खे झलि तूं....

ख़रीदार खे ॻोल्हियां / परसराम 'ज़िया'

दिलि आहे हथनि में थो ख़रीदार खे ॻोल्हियां,
बाज़ार -मुहबत में थो तलबदार खे ॻोल्हियां!

१. क़ीमत आ मुंहिंजे दिलि जी, फ़कति पियारु मुहबत,
सस्तो ही आहे सौदो, नाहे ज़र जी ज़रूरत,
बसि घुरजे वफ़ाई थी, थो वफ़ादार खे ॻोल्हियां।

२. दिलि पंहिंजी अथमि करिणी हसीननि जे हवाले,
को सुहिणो ख़रीदारु बणी दिलि खे संभाले,
थो इन करे अजु हुस्न जी सरकार खे ॻोल्हियां।

३. वापारु 'ज़िया' अहिड़ो नसीबनि सां थिए थो,
दिलि मुफ़्त में हिकु आशिकु नाशादु ḍिए थो,
मुहबत जे मैख़ाने में थो मनठार खे ॻोल्हियां।

चंदुर जा रिकार्ड

तुंहिंजे शहिर में आयसि /परसराम 'ज़िया'

शड्रु : वतन खां दूरि आहियां - दरिबिदरु आहियां,
ग़रीबु आहियां, डि॒सो छा छा न थियो आहियां,
तड॒हिं बि खुशि नसीबु॒ आहियां,
सज॒णु जीअं जीअं धिकारे थो,
मां तीअं हुन जे क़रीबु आहियां।
भुलाइण सां बि न भुलिजां थो,
मां माण्हू को अजीबु आहियां।
थल्हु : तुंहिंजे शहिर में आयुसि क़िसिमत सां,
पर सुहिणा कीन रहायो तो,
सुहिणां कीन रहायो तो। तुंहिंजे ....
१. तुंहिंजे दर्द में पंहिंजो देसु छडे॒,
पर्देस में वेठुसि जाइ अडे॒,
मां कीन छडि॒यां हा पंहिंजो वतनु,
पर नियापनि साणु घुरायो तो। तुंहिंजे...
२. तुंहिंजे इश्क़ सज॒ण मजबूरु कयो,
मूं खे पंहिंजे वतन खां दूरि कयो,
मूं तोसां तोड़ि निबहाई आ,
पर दिलिबर कीन निबहायो तो। तुंहिंजे ....
३. तूं शादु रहीं आबादु रहीं,
मूंखे दिलिबर सदा तूं यादि रहीं,
ज़िया हाणि वञां थो पंहिंजे वतन,
जो दिलि तां दोस्त भुलायो तो। तुंहिंजे.....

Hardik Dayaramani
Prakash Dayaramani

93772 23933
93742 23933
95372 79630

Hardik Plywood

eco décor
INNOVATION NEXT
MaxxiGLOSS
redifining luxury

eco décor
INNOVATION NEXT
MULTY WOOD
Smarter Than Wood
PVC/WPC BOARD

Shop No. 1, Plot 575, Ward 12-C, "Sai Kripa Complex",
Police Station Road, Gandhidham-Kachchh-370201.

Mahendra M. Ahuja
+91-98252 27326

AHUJA
TRADERS

Shop No. S.E.X. 31,
Maitri Road,
Adipur-Kutch.
Tel.: 02836 (S) 263 350 (R) 261 750

Authorised Dealers

ASTRAL PIPES

Jaquar
experience bathing

asianpaints

साहित ऐं कला जी
रचना 184 (October-December 2024)

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540

Vimek Construction Co.
Jalaram Constructions

we concret dreams

CIVIL CONTRACTOR

66- 7/C, Gurukul Road, Gandhidham (Kutch) 370 201. Phone : 257003 (M) 94264 90991

Thank You God For Every Thing

ग़म खाना और कम खाना, कठिन बड़े दो योग,
ग़म खाने से बैर घटे, कम खाने से रोग।

PATRON

SHRI BAHADUR GANGARAM BHAGIA

- VINOD C. RATHI 94264 90991
- MEHUL V. OZA 94280 32008
- KARSAN B. PRAJAPATI 94297 26722
- KAMLESH K. PRAJAPATI 94270 88981

❖ GOD HELPS THE DEVOTED, DUTIFUL SEEKER ❖